# KARL MARX AND FREDRICK ENGELS
# ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلز
# THE MANIFESTO OF THE COMMUNIST PARTY
# ڪميونسٽ پارٽي جو پڌرنامو
1848

ترجمو : انور پنهور

‘‘هي پڌرنامو تمام گهڻي صفائي ۽ چٽائي سان نئين عالمي نظريي جو
خاڪو پيش ڪري ٿو. بااصول ماديت جو، جيڪو سماجي زندگي جي
دائري تي به حاوي آهي، جدليات جو، جيڪو ارتقا جو سڀ ڪان جامع ۽
گهرو نظريو آهي، طبقاتي جدوجهد ۽ هن صنعتي پورهيت (پرولتاري)
جي عالمگير تاريخي انقلابي ڪردار جي نظريي جو، جيڪو جيڪو
هڪ نئين ڪميونسٽ سماج جو خالق آهي’’. (لينن)

فهرست

1. 1872ع جي جرمن ايڊيشن جو مهاڳ
2. ڪميونسٽ پڌرنامي جا 90 سال
3. ايڪويهين صدي لاءِ پڌرنامو
4. سنڌي ايڊيشن لاءِ مهاڳ
5. ڪميونسٽ پارٽي جو پڌرنامون
6. بورجوا ۽ پرولتاري
7. پرولتاري (صنعتي مزدور) ۽ ڪميونسٽ
8. سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ ادب
9. رجعتي سوشلزم

(الف) جاگيرداري سوشلزم

(ب) پيٽي بورجوا سوشلزم

(ج) جرمن يا ”سچو“ سوشلزم

10. _ قدامت پسند يا بورجوا سوشلزم
11. _تنقيدي يوٽوپيائي سوشلزم ۽ ڪميونزم
12. حڪومت جي ہين مخالف پارٽين سان ڪميونسٽن جو لاڳاپو..

## 1872ع جي جرمن ايڊيشن جو مهاڳ

”ڪميونسٽ ليگ“ (1) جيڪا مزدورن جي هڪ بين الاقوامي جماعت هئي جيڪا ان وقت جي حالتن موجب خفيه جماعت ئي ٿي سگهي پئي. نومبر 1847ع ۾ لنڊن ۾ پنهنجي ڪانگريس ۾ اسان کي اها ذميواري سونپي ويئي، ته پارٽي جو هڪ تفصيلي نظرياتي ۽ عملي پروگرام اشاعت لاءِ تيار ڪريون. ان طريقي سان هن پڌرنامي جو جنم ٿيو. هن جو مسودو فيبروري انقلاب (2) کان چند هفتا اڳ ڇپجڻ لاءِ لنڊن موڪليو ويو. پهريائين هي جرمن زبان ۾ ڇپيو ۽ ان ئي زبان ۾ تڏهن کان وٺي، اڄا تائين، جرمني، انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ هن جا گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن مختلف ايڊيشن ڇپجي چڪا آهن. انگريزي زبان ۾ هي سڀ کان پهريائين 1850ع ۾ ”ريڊ ريپبليڪن“ (3) رسالي ۾ لنڊن ۾ ڇپيو. هن جو ترجمو مس هيلن ميڪفرلين ڪيو هئو. ان کانپوءِ 1871ع ۾ آمريڪا ۾ هن جا گهٽ ۾ گهٽ ٽي مختلف انگريزي ترجما ڇپيا. فرانسيسي ٻولي ۾ ترجمو سڀ کان اڳ ۾ 1848ع ۾ پيرس ۾ جون بغاوت (4) کان ٿورڙو اڳيم ڇپيو ۽ حالي ئي ۾ نيويارڪ جي ”سوشلسٽ“(5) اخبار ۾ شايع ٿيو آهي. ان جو هڪ نئون ترجمو به تيار ٿي رهيو آهي. جرمن زبان ۾ پهريون دفعو شايع ٿيڻ جي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ پولش زبان ۾ به هن جو ترجمو لنڊن ۾ پڻ شايع ٿيو. 1860ع ڪانپوءِ جي سالن ۾ جنيوا مان روسي ٻولي ۾ ترجمو شايع ٿيو. هن جي پهرئين اشاعت کان ٿورڙو عرصو بعد جلد ئي ڊينش زبان ۾ پڻ هن جو ترجمو ٿيو.

(1) ڪميونسٽ ليگ: پرولتاريه جي پهرين ڪميونسٽ انٽرنيشنل تنظيم، جنهن جي بنياد مارڪس ۽ اينگلس رکي هئي، 1847ع کان 1852ع تائين قائم رهي.

(2) فيبروري انقلاب فرانس ۾ 1848ع ۾ آيو هئو.

(3) ريڊ ريپبليڪن: هفتيوار چارٽسٽ اخبار جو نالو جيڪا لنڊن کان جارج هارني جاري ڪئي، ۽ جون کان نومبر 1852ع تائين هلي، 21 کان 24 شماري تائين هن ئي اخبار ۾ ”پڌرنامي“ جو خلاصو شايع ٿيو هو.

(4) پيرس جي مزدورن 23 جون کان 26 جون 1848ع تائين جيڪو بغاوت جو علم بلند ڪيو انهي ڏانهن اشارو آهي، فرانسيسي بورجوازي هڪ بغاوت کي انتهائي بي رحمي سان چٿي چڏيو. هي بغاوت بورجوازي ۽ پرولتاريه جي وچ ۾ پهرين زبردست خانه جنگي هئي.

(5) سوشلسٽ: هڪ هفتيوار اخبار جيڪا نيويارڪ مان آڪٽوبر 1871ع کان مئي 1873ع تائين فرانسيسي ٻولي ۾ شائع ٿيندي رهي. انٽرنيشنل جي جيڪو اُتر آمريڪي فيڊريشن هئي هي اخبار اُن جي فرانسيسي سيڪشن جي ترجمان هئي. جيڪا هيگ ۾ انٽرنيشنل جي ڪانگريس ڪانپوءِ الڳ ٿي وئي. ”ڪيمونسٽ پڌرنامو“ جنهن جو فرانسيسي ترجمي جو مٿي حوالو ڏنو ويو آهي هن ئي اخبار ”سوشلسٽ“ ۾ جنوري کان مارچ 1872ع تائين جي شمارن ۾ ڇپيو هو.

(6) 1871ع جو پيرس ڪميون: هي مزدور طبقي جي انقلابي حڪومت هئي جيڪا 28 مارچ کان 28 مئي 1871ع تائين هلي.

گذريل پنجويهن سالن ۾حالتون ڪيتريون ئي تبديل ٿيون به هجن، پر جيڪي عام اصول هن پڌرنامي ۾ قائم ڪيا ويا هئا، اهي مجموعي طور تي اڄ به ساڳئي طرح صحيح آهن، جيترا اڳي هئا. باقي انهن جي تفصيلن ۾ ڪٿي ڪٿي اصلاح جي گنجائش ٿي سگهي ٿي. انهن بنيادي اصولن کي عملي جامو پهرائڻ، جيئن خود پڌرنامي ۾ چيو ويو آهي، هر جڳهه ۽ هميشه ان وقت جي تاريخي حالتن تي منحصر آهي، ۽ ان ڪري ٻئي باب جي آخر ۾ جيڪي انقلابي تدبيرون پيش ڪيون ويون آهن.
انهن تي ڪو خاص زور نه ڏنو ويو آهي. اهو حصو، جيڪڏهن اڄ لکيو وڃي ته اهو گهڻي لحاظ کان تمام مختلف هوندو. ڇاڪاڻ ته گذريل پنجويهن سالن ۾ وڏي پئماني جي صنعت وڏي پيماني تي قدم کنيا آ

۽ ان سان گڏ مزدور طبقي جي پارٽي تنظيم به ترقي ڪئي آهي، چاڪاڻ ته فيبروري انقلاب ۾ ۽ ان ڪان به وڌيڪ پيرس ڪميون (6) ۾ عملي تجربان حاصل ٿيا آهن. جڏهن ته پهريون دفعو سياسي اقتدار پورن ٻن مهينن تائين پرولتاريه جي هٿن ۾ رهيو. تنهن ڪري هي پروگرام ڪجهه تفصيلن ۾ پراڻو ٿي ويو آهي. ڪميون خاصيتن سان اهو ثابت ڪيو آهي، ''ته مزدور طبقي جي لاءِ اهو ممڪن ئي ناهي، ته رڳو ٺهيل ٺڪيل رياستي مشنري پنهنجي هٿن ۾ وٺي ڇڏي ۽ پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪري.'' ان ڪانسواءِ هتي اهو به ظاهر آهي، ته موجوده زماني جي اعتبار سان سوشلسٽ ادب جي تنقيد اڻپوري آهي، ڇو ته اها 1847ع تائين ئي رکجي وڃي ٿي. ساڳئي طرح اهو به ظاهر آهي، ته چوٿين باب ۾ مخالف پارٽي سان ڪميونسٽن جي تعلق جي باري ۾ جيڪا ڳالهه چئي ويئي اهي، اها اصولن، جيتوڻيڪ اڄ تائين به صحيح آهي، مگر پوءِ به عملن جزوي طور تي پراڻي ٿي چڪي اهي. ڇو ته سياسي حالتون بلڪل بدلجي ويون آهن ۽ پڌرنامي ۾ جن سياسي پارٽين جا نالا ورتا ويا آهن، انهن مان اڪثر پارٽين کي تاريخ جي ارتقا زمين جي گولي تان ختم ڪري ڇڏيو آهي.

پر هي پڌرنامو هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. هن ۾ ردوبدل ڪرڻ جو هاڻ اسان کي ڪو حق نه آهي. ايندڙ ايڊيشن تي سگهي ٿو، ته هڪ مقدمي سان گڏ شائع ٿئي، جيڪو 1847ع ڪان وٺي اڄ تائين جي خال کي پري سگهي. موجوده اشاعت ايتري غير متوقع هئي، جو اسان کي ان جي مهلت نه ملي.

لنڊن، 24 جون 1872ع
ڪارل مارڪس، فريڊرڪ اينگلس

كميونسٽ پڙنامي جا نوي سال

اهو يقين ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي، ته ڪميونسٽ پارٽي جي پڙنامي جي صدي، صرف ڏهن سالن جي پنڌ تي آهي. هي پمفليٽ، دنيا جي ڪنهن به ادب جي مقابلي ۾، وڌي ڏاهپ ڪي ظاهر ڪري ٿو ۽ اڃا تائين اسان ڪي ان جي نواڻ متاثر ڪري رهي آهي. ائين ٿو لڳي، ته هن جا گهڻا حصا، ڇڻ ڪالهه لکيا ويا هجن. يقينن نوجوان ليکڪن (مارڪس 29 سالن جو ۽ اينگلس 27 سالن جو) ٻئي ڪنهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ مستقبل ۾ ڏسڻ جي سگهه رکڻ جي لائق هئا ۽ شايد ان زماني ڪان وٺي اڄ تائين، ڪنهن ٻئي ڪان به وڌيڪ.

جيئن ته، 1872ع جي ايڊيشن جي گڏيل مهاڳ ۾، مارڪس ۽ اينگلس لکيو هو ته، باوجود ان حقيقت جي ته پڙنامي جا ڪجهه ثانوي حصا پراڻا ٿي ويا آهن، پر پوءِ به ان جي اصلي مسودي ۾ ڪا ڦير ڦار ڪرڻ جو ڪين حق نٿو پهچي. جيئن ته، گذريل پنجويهن سالن جي عرصي ۾ هي پڙنامو پنهنجي مداخلت وسيلي اڳئي هڪ تاريخي دستاويز بڻجي چڪو هئو ۽ ان وقت ڪان وٺي هن وقت تائين، پنجهٺ سال ٻيا به گذري ويا آهن. پڙنامي جا ڪجهه مخصوص حصا، اڃا تائين به ماضي سان، ساڳي حالت ۾ لاڳاپيل آهن. اسان هن مهاڳ ۾، پڙنامي جي انهن ٻنهي خيالن (حصن) ڪي، ڇنائي سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين؛ جيڪي خيال پڙنامي ۾ اڄ به پنهنجي پوري قوت سان موجود آهن، جن ۾ اهم ترميم يا وضاحت جي ضرورت آهي.

1. تاريخ جي ماديت پرستي وارو تصور، مارڪس، ٿورڙو ئي اڳ ۾ تخليق ڪري، هن پڙنامي ۾ مڪمل طرح شامل ڪري چڪو هو، جيڪو ثابت قدمي سان واقعن جي طوفانن ۽ چٽي تنقيد مان گذري چڪو آهي؛ اڄ اهو ثابت ڪري ٿو، ته انساني سوچ جي قيمتي دستاويزن مان هي هڪ آهي. جڏهن ته ٻيون سڀئي تاريخي ارتقا جون وصفون، پنهنجي سائنسي معنيٰ وڃائي ويٺيون آهن. اسان يقين سان اهو چئي سگهون ٿا، ته اڄ جي دور ۾، تاريخي ماديت ڪان واقف هجڻ ڪان سواءِ، اهو ممڪن ئي نه آهي، ته ڪو انقلابي گوريلو يا سياسي تجزيه نگار بڻجي سگهي.

2. پڙنامي جو پهريون باب هيٺين لفظن سان شروع ٿئي ٿو؛ ”سماج جي سموري تاريخ، طبقاتي جدوجهد جي تاريخ آهي.“ هي وصف، جيڪا تاريخ جي ماديت جي وضاحت مان، تمام اهو نتيجو اخذ ڪري ٿي ۽ اها تڪڙو ئي طبقاتي جدوجهد جو سبب بڻي. هن نظريي خلاف، خاص ڪري انتهاپسندن، آزادي پسندن ۽ آدرشي جمهوريت پسندن سخت حملا ڪيا، نظريي هڪ متحرڪ تاريخ طاقت طور تي، عام پلائي... قومي اتحاد ۽ دائمي اخلاقي سچاين لاءِ مادي مفادن ڪي تبديل ڪري ڇڏيو. پوءِ اچي پنهنجو پاڻ مرادو اهي نام نهاد ترميم پسند (revisionists) انهي مزدور تحريڪ مان جنم وٺي، شامل ٿيا؛ جيڪي طبقاتي يڪجهتي ۽ طبقاتي ثالثي جي حوالي سان، مارڪسزم جي نظرياتي روح ۾، ترميم پسندن جا حامي هئا. آخرڪار اسان جي دور ۾ به اهو ساڳيو رستو عملي طور تي، نفرت لائق، نام نهاد ڪميونسٽ انٽرنيشنل (اسٽالنسٽ) اختيار ڪيو. پيپلز فرنٽ جي نام نهاد پاليسي ئي، طبقاتي جدوجهد جي قانون جي مڪمل انحرافي مان شروع ٿئي ٿي. ساڳئي وقت، يقينن اهو سامراجي دور ئي آهي. جنهن سمورن سماجي تضادن ڪي تشويشناڪ عروج تي آڻي بيهاريو آهي ۽ انهن ئي ڪميونسٽ پڙنامي ڪي پنهنجي اعليٰ نظرياتي ڪاميابي بخشي آهي.

3. سرمائيداري جي جوڙجڪ، سماج جي مخصوص معاشي ترقي جي حد، بطور پنهنجي مڪمل شڪل ۾، مارڪس ئي 1867ع ۾ پنهنجي ڪتاب ”سرمائي“ ۾ ڏني هئي. پر ڪميونسٽ پڙنامي ۾ به مستقبل جو مڪيه تجزيو، جدت سان، هن طريقي پيش ڪيو آهي: مزدور جي محنت جو اجورو، پيٽي پيداوار جي قيمت جي برابر هجڻ گهرجي؛ سرمائيدارن طرفان واڌو قيمت ۾ هڪجهڙائي؛ جدوجهد، سماجي لاڳاپن جي بنيادي اصولن بطور؛ وچولن طبقن جي تباهي؛ مثال طور، شهري وچولو طبقو ۽ آبادگار؛ هڪ طرف ملڪيت جو اڪثر چند شاهوڪارن جي هٿن ۾

ڪٺو ٿيڻ، ٻئي طرف، صنعتي مزدورن جي تعداد ۾ وڏو اضافو ٿيڻ؛ سوشلسٽ اڄ جي مادي ۽ سياسي تياري جي لاءِ اڳواٽ قدم کڻڻ شامل آهن.

4. پڌرنامي ۾ هڪ رٽ، جيڪا سرمائيداري جي انهي لاڙي متعلق آهي، جيڪا مزدورن جي معيار زندگي کي، ايتري حد تائين گهٽائي ڪنگاليٽي ۾ تبديل ڪرڻ جي سفارش ٿي ڪري، اها هڪ شديد تنقيد جو نشانو بڻيل رهي آهي، مذهبي عالمن، پروفيسرن، وزيرن، صحافين، سماجي نظريه دانن ۽ ٽريڊ يونين اڳواڻن سميت سڀني، ان نام نهاد (غربت واري نظريي“ جي خلاف هر اول ڪردار نڀايو. انهن مستقل طور تي، مزدور طبقي ۾ اسرندڙ خوشحالي ۽ مزدور طبقي جي بالادستي (بطور صنعتي مزدورن جي)، دوکي جي ور چڙهي وڃڻ وارا اهڃاڻ معلوم ڪندي، انهي عارضي لاڙي کي دائمي قرار ڏيڻ کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو. ساڳئي وقت، ايتري تائين دنيا جي سڀ کان سگهاري سرمائيداري، جنهن کي اسين آمريڪي سرمائيداري چئون ٿا، انهي سرمائيداريءَ، ڪروڙين مزدورن کي ڪنگال بڻائي ڇڏيو آهي، جيڪي (ويچارا) وفاقي، ميونسپل يا خانگي طور خيرات تي پلجي رهيا آهن.

5. پڌرنامي جي مخالفت جنهن ۾ واپاري ۽ صنعتي بحرانن جي سلسلن کي، اڳي کان وڌيڪ بي انتها تباهه ڪن ڄاڻايو ويو آهي، ترميم پسندن (revisionists) دعويٰ پئي ڪئي، ته قومي ۽ عالمي ترقياتي ادارا، مارڪيٽ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي يقين ڏهاني ڪرائي رهيا هئا ۽ آهستي آهستي اهي ادارا انهن بحرانن کي ختم ڪرڻ ڏي وڌي ويندا..

گذريل صدي جي پڇاڙي ۽ هلندڙ صدي جي شروعات، حقيقتن سرمائيداري جي طوفاني ترقي جي ان حد تائين نشاندهي ڪئي، ڇڻ ائين پئي لڳو، ته بحرانن جو اهو طوفان ”حادثاتي“ طور رڪجي ويندو. پر هن دور جي واپسي ممڪن ئي نه آهي. آخري تجزيي ۾، هن مسئلي سميت مارڪس سچو ثابت ٿيو آهي.

6. ”رياست جو انتظامي ڍانچو فقط هڪ ڪميٽي جهڙو آهي، جيڪو سرمائيدار طبقي جي گڏيل معاملن جي سار سنڀال ڪري ٿو.“ اهڙي چٽي ۽ صاف فارمولي، جنهن کي، سوشل ڊيموڪريٽ اڳواڻ، صحافتي سچ سمجهندي، سوچين ٿا، ته انهي سرمائيداراڻي تشڪيل، جنهن کي برنسٽن ۽ ڪاٽسڪي جيئن سمجهيو هئو. اها ڪا اهڙي خالي ٻوري نه آهي، جنهن کي ڪو آساني سان ڪنهن به قسم جي طبقي سان ڀري سگهي. سرمائيداراڻي جمهوريت، فقط سرمائيدارن جي ئي فائدي لاءِ هوندي آهي. پيپلز فرنٽ جي حڪومت، جنهن جا سربراهه بلم يا ڪا يتمپس هجن، ڪابيلرو يا نيگرين هجن، ”اها فقط هڪ ڪميٽي ئي آهي، جيڪا سرمائيدار طبقي جي گڏيل معاملن جي سار سنڀال ڪري ٿي،“ ۽ جڏهن اها ئي ”ڪميٽي“ انهن جي مفادن وٽان معاملا نٿي هلائي، ته ان کي سرمائيدار بوٽ جي ٺڏي سان ختم ڪريو ڇڏين.

7. ”هر طبقاتي جدوجهد، هڪ سياسي جدوجهد هوندي آهي.“ صنعتي مزدورن جي تنظيم، بطور هڪ طبقي جي، اٽڙ طور تي ان طبقي طرفان هڪ سياسي پارٽي ۾ منظم ٿيڻ وارو عمل آهي. هڪ طرف ٽريڊ يونين اڳواڻ ۽ ٻئي طرف تشدد پسند گهٽو ٻوڪلائجي، هاڻي هن تاريخي قانونن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان گهٽو نٽائي رهيا آهن. ”خالص“ ٽريڊ يونين ازم، پنهنجي خاص آشيرواد ڏيندڙ، آمريڪا، جي هٿان، گهاٽي ۾ پيڙهجي رهيو آهي. تشدد پسندن اسپين جي پنهنجي آخري گڙهه ۾ تباهه ڪن شڪست کاڌي آهي. هتي پڻ پڌرنامو سچو ثابت ٿيو آهي.

8. صنعتي مزدور سرمائيدارن جي جوڙيل قانوني نظام موجب (جدوجهد ڪري) ڪاميابي ماڻي نٿا سگهن. ”ڪميونسٽ اهو کلي عام اعلان ٿا ڪن، ته انهن جا مقصد تڏهن ئي حاصل ٿي سگهن ٿا، جڏهن اهي موجوده سماجي نظام کي، طاقت جي زور تي تبديل ڪن.“ اصلاح پسندن، پڌرنامي جي هن وصف جي وضاحت جي ڪوشش ڪندي، هن کي ان وقت جي تحريڪ جي نابالغ ۽ نامعقول جمهوري ترقي ڪوٺيو. جڏهن ته اٽلي، جرمني ۽ ٻين ڪيترن ئي جمهوري ملڪن

جي قسمت، انهي ڳالهه کي ثابت ڪيو آهي، ته حقيقت ۾ اها نابالغي، انهن اصلاح پسندن جي بذات خود خيالن جو واضح مثال آهي.

9. سماج جي سوشلسٽ تبديلي لاءِ مزدور طبقي کي ڪنهن به قيمت تي، اها طاقت مڪمل طور تي حاصل ڪرڻ گهرجي، جنهن سان نئين سماجي تبديلي جي رستي ۾ هر سياسي ۽ سماجي رڪاوٽ کي ڊاهي پٽ ڪري سگهجي. ”حڪمران طبقي طور منظم مزدور طبقو“، اها ڊڪٽيٽرشپ آهي. ساڳئي وقت، اهائي ته حقيقي مزدور جمهوريت آهي. جنهن جو دائرو ۽ گهرائي ٺوس تاريخي حالتن تي مدار رکي ٿي. جڏهن عالمي سطح تي گهٽيون رياستيون سوشلسٽ انقلاب جو رستو اختيار ڪنديون، ته اها ڊڪٽيٽرشپ، گهٽي آزاد ۽ لچڪ واري شڪل اختيار ڪندي ۽ اهڙي طرح هي مزدور جمهوريت، وڌيڪ طاقت ۽ گهرائي اختيار ڪندي ويندي.

10. عالمي سرمائيداراڻي ترقيءَ، اڳئي عالمي مزدور طبقي جي انقلاب جو ڪردار متعين ڪيو آهي. ”ترقي يافته ملڪن جو گڏيل انقلاب، گهٽ ۾ گهٽ مزدور طبقي جي آزادي جي شرطن مان اولين شرط آهي. جنهن ڪانپوءِ سرمائيداراڻي ترقي، دنيا جي سمورن ”ترقي يافته“ ۽ ”غير ترقي يافته“ ملڪن کي پاڻ ۾ اهڙو ڳنڍي ڇڏيو آهي. جو سوشلسٽ انقلاب، عالمي سطح تي هڪ مڪمل ۽ فيصلہ ڪن صورت اختيار ڪري ويو آهي. روسي آفيسر شاهيءَ، هن پڌرنامي جي بنيادي مقصد کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سويت يونين جي بونا پارٽسٽ بگڙيل شڪل، وڏي پئماني تي، هڪ ملڪ اندر سوشلزم جي نظريي جي، ڪوڙي هجڻ جو خود هڪ مثال آهي.

11. ”جڏهن ترقيءَ دوران، طبقاتي فرق ختم ٿي وڃي ۽ سموري پيداوار، سڄي قوم جي اڪثريت وٽ گڏ ٿئي ته ان وقت عوامي طاقت پنهنجو سياسي ڪردار وڃائي ڇڏيندي.“ ٻين لفظن ۾ رياست ختم ٿي ويندي. ۽ سماج قيد جي ٻنڌڻ مان آزاد ٿي ويندو؛ هي ٻيو ڪجهه نه، پر سوشلزم آهي. بدليل نظام؛ سويت يونين ۾ رياستي وحشانيت جو وڌندڙ خوفناڪ دٻدٻو ئي، ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي، ته اهو سماج سوشلزم کان پري ٿيندو پيو وڃي.

12. ”مزدور طبقي جو ڪو به وطن نه آهي.“ پڌرنامي جا هي لفظ، وڏ ۾ وڏ فلسطين جي شديد احتجاج دوران ماپيا ويا. حقيقت اها آهي، ته انهن لفظن مزدورن کي، سرمائيداراڻي مسئلي ”وطن“ متعلق، هڪ واحد سمجهه ۾ ايندڙ رهبري عطا ڪئي. پر ٻيءَ انٽرنيشنل طرفان هن قدم جي انحرافي، نه فقط ڇئن سالن تائين يورپ ۾ تباهي آندي، پر موجوده عالمي ثقافت کي به ختم ڪري ڇڏيو. نئين جنگ جي چڙڻ واري خوف جي مدنظر، جنهن لاءِ ٽئين انٽرنيشنل جي غداري جي ور چڙهي وڃڻ جي ڪري رستو صاف ڪيو هئو؛ ان صورت ۾ هاڻي پڌرنامو ئي، فقط هن سرمائيداراڻي مسئلي ”وطن“ متعلق، اعتماد جوڳو صلاحڪار بچي ٿو. تنهن ڪري اسان ڏسون ٿا، ته ٻن نوجوانن ليکڪن جي گڏيل، پر مختصر تخليق، آزادي واري جدوجهد جي مکيه ۽ ٻرندڙ مسئلن کي مسلسل ۽ مستقل طور تي ٺوس رهنمائي ڪري رهي آهي. ٻيو ڪهڙو ڪتاب آهي، جيڪو هن ڪميونسٽ پڌرنامي سان پيٽي سگهجي ٿو؟ پر ان جو هي مطلب نه آهي، ته جديد پيداواري قوتن جي ترقي ۽ وسيع سماجي جدوجهد جي نوي سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ هن پڌرنامي ۾، ڪنهن به ترميم يا توسيع جي ضرورت نه آهي. انقلابي نظريي جو بت پرستي سان ڪو به واسطو نه آهي. پروگرام ۽ اڳڪٿيون تجربي جي بنياد ۽ ان جي روشني ۾ درست ڪيون ويندريون آهن، جيڪا انساني عقل جي اعليٰ ترين ڪسوٽي آهي. هن پڌرنامي ۾ پڻ درستگين ۽ واڌاري جي ضرورت آهي، پر پوءِ به تاريخي تجربي ۽ مشاهدي جي بنياد تحت، اهي درستگيون ۽ واڌارا تڏهن ئي آڻي سگهجن ٿا، جڏهن انهن کي به انهن ئي اصولن ذريعي عمل ۾ آندو وڃي، جن جي ذريعي بذات خود ان پڌرنامي جو بنياد پيو. اسان هتي، هن جي ڪيترن اهم مثالن ذريعي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

1. مارڪس ٻڌايو، ته تاريخي جدوجهد ۾، ڪو به سماجي نظام، ان جي تخليقي قوتن کي ختم ڪرڻ کان اڳ ۾ ختم نٿو ٿئي. هي پڌرنامو، سرمائيداري طرفان پيداواري قوتن جي ترقي ۾ رڪاوٽ تي سخت تنقيد ڪري ٿو. انهي وقت دوران ۽ ايندڙ ڏهاڪن ۾ به، هي رڪاوٽ

فقط فطري نوعيت سان لاڳاپيل آهي. ڇا 19 صدي جي پوئين اڌ حصي، اقتصاديات کي سوشلسٽ بنيادن تي منظم طريقي سان شروع ڪرڻ، ممڪن هئو؟ ان جي پيداواري سگهه بي انتها حد تائين وڌي وڃي ها. پر هي ناقابل انڪار نظرياتي سچ، ان حقيقت کي غلط ثابت نٿو ڪري سگهي، ته پيداواري قوتون جنگ عظيم تائين عالمي سطح تي وڌنديون رهيون. فقط گذريل ويهن سالن ۾، باوجود سائنس ۽ ٽيڪنالاجي وارين ڪاميابين جي، ترقي جو وهڪرو، ڏينهون ڏينهن بند ٿيندو پيو وڃي ۽ ايستائين جو، عالمي معاشي بحران شروع ٿي ويو آهي. انسان ذات پنهنجي گڏ ڪيل دولت خرچ ڪري رهي آهي. جڏهن ته، ايندڙ جنگ، مستقبل جي ڪيترن سالن تائين تهذيب جي بنيادن کي تباهه ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيئي رهي آهي. پڙنامي جي ليکڪن کي اهو ذهن ۾ هئو، ته سرمائيداري، ان کان اڳ جو هڪ گهٽ تشدد پسند حڪومت، هڪ انتهائي تشدد پسند حڪومت ۾ تبديل ٿئي، ختم ٿي ويندي.

2. مارڪس ۽ اينگلس کان، تاريخ جي وهڪري جي حوالي سان جيڪي غلطيون ٿيون، اهي هي هيون، ته هڪ طرف، هنن بظاهر سرمائيداري مان، مستقبل ۾ ڪهڙا امڪان متوقع هئا، انهن جو صحيح اندازو لڳايو، ٻئي طرف هنن مزدور طبقي جي پختي هجڻ جي وڌيڪ توقع ڪئي. 1848ع وارو انقلاب، سوشلسٽ انقلاب ۾ تبديل ٿي نه سگهيو، جيئن پڙنامي ۾ ان جو اندازو لڳايو ويو هو؛ پر ان جي ابتڙ جرمني ۾ سرمائيدارن جي لاءِ مستقبل ۾ عروج تي پهچڻ جو ڪشادو رستو کولي ڏنو. پيرس ڪميون ثابت ڪيو ته مزدور طبقو (پرو لتايه) ڪنهن به انقلابي پارٽي جي رهنمائي بنا سرمائيدارن کان اقتدار کسي نٿو سگهي. ساڳئي وقت سرمائيداريءَ جي ڊگهي اقتدار، هر اول انقلابي ڪارڪنن جي تعليم ۽ تربيت ۾ نه صرف رڪاوٽ وڌي، پر ان موقع پرست مزدور طبقي (Labour Aristocracy) کي جنم ڏنو. جيڪو سرمائيدارن جي بگڙيل شڪل هو. جيڪو پوءِ آخر ۾ مزدور انقلاب ۾ هڪ اهم رڪاوٽ جو باعث بڻيو. پر حالتن پٺاندڙ، پڙنامي جا ليکڪ ممڪن آهي، ته مستقبل جو ”منطقي طور“ تي اهو اندازو لڳائي نه سگهيا هجن.

3. پڙنامي موجب، سرمائيداري، آزاد منڊي جي اندر ڪلي مقابلي جي بادشاهت هئي. جڏهن ته ناٽي جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ جي وڌندڙ عمل جو حوالو ڏيندي، پڙنامو، ناٽي جي هڪ هٿي جي سلسلي ۾ ڪو ضروري نتيجو ڪڍڻ تي ڪو نه پهتو، جيڪا اسان جي دور ۾ سرمائي جي اهم شڪل بڻجي چڪي آهي ۽ سوشلسٽ معيشت جي وجود ۾ اچڻ لاءِ سڀ کان اولين شرط آهي. ان ڪانپوءِ مارڪس پنهنجي ڪتاب ”سرمائي“ ۾ صرف ان لاڙي جي وضاحت ڪئي آهي، ته آزاد مقابلي کي هڪ هٿي ۾ تبديل ڪيو ويندو. باقي اهو لينن ئي هو، جنهن ”سامراجيت“ اندر سرمائي جي هڪ هٿي جون سائنسي خاصيتون بيان ڪيون آهن.

4. پنهنجي خيالن جو، انگلينڊ جي ”صنعتي انقلاب“ واري مثال تي بنياد رکندي، پڙنامي جي ليکڪن وڏي پئماني تي وچولي طبقي جهڙوڪ ننڍن واپارين ۽ آبادگارن جو وڏي پئماني تي ختم ٿيڻ جو هڪ طرفو طريقيڪار بيان ڪندي، انهن سڀني کي هنري واپار جي عمل سان ڳنڍيو آهي. حقيقي نقطه نگاهه کان ڏسجي، ته مقابلو ڪندڙ بنيادي قوتون، ساڳئي وقت، انهي ترقي يافته ۽ ظالماڻي ڪم جي مڪمل ٿي وڃڻ واري عمل کان گهڻو ابتڙ آهي. سرمائيداري، وچولي طبقي کي مزدور طبقي ۾ تبديل ڪرڻ جي ابتڙ، ان کي وڏي پئماني تي تباهه ڪيو آهي. ان کان علاوه سرمائيداراڻي رياست، گهڻي عرصي کان وٺي وچولي طبقي کي، هٿرادو طريقي سان بحال ڪرڻ جي هڪ شعوري پاليسي اختيار ڪئي آهي. ان جي ابتڙ، ٽيڪنالاجي (فني مهارت) جي ترقي ۽ وڏي پئماني جي صنعتي مهارت، بيروزگاري جي صورتحال کي بري طرح پيدا ڪري رهي آهي ۽ وچولي طبقي کي، مزدور طبقي ۾ تبديل ٿيڻ واري عمل کان روڪي رهي آهي. نتيجي طور، سرمائيداراڻي ترقي تمام وڏي پئماني تي ۽ گهڻي تعداد ۾ ٽيڪنيشن، ايڊمنسٽريٽر، ڪمرشل ملازم ۽ ٿورڙن لفظن ۾ ڪٽي ائين چئجي، ته ان نام نهاد ”نئين وچولي طبقي“ (نيو مڊل ڪلاس) کي تيار ڪري رهي آهي.

نتيجي طور، وچولا طبقا جن جي غائب ٿي وڃڻ جي باري ۾ پٽرنامي ۾ چٽي طرح سان حوالو ڏنل آهي، اهي ايتري تائين جو، جرمني جهڙي تمام صنعتي طور عروج تي پهتل ملڪ اندر، آبادي جو تقريبن اڌ حصي جيترا آهن، جيئن ته پراڻي وچولي طبقي کي هٽرادو طور تي رکيو ويو آهي، جيڪو سماجي تضادن کي نٽو گهٽائي، پر ان جي ابتڙ، انهن کي خاص ڪري بگاڙي ٿو ۽ گڏوگڏ مستقل طور تي بيروزگارن جي فوج پيدا ڪري، سرمائيدارن جي تباهي جو تمام وڏو اظهار ڪري رهيو آهي.

5. پٽرنامي ۾ انقلابي دور جو اندازو لڳائڻ لاءِ (پنهي باب جي آخر ۾) جيڪي ڏهه تدبيرون ڏنيون ويون آهن، جن جو واسطو سرمائيداري مان سڌو سوشلزم ۾ تبديلي متعلق آهي. 1872ع ۾ مارڪس ۽ اينگلس طرفان لکيل پنهنجي مهاڳ ۾ هنن تدبيرن کي مدي خارج سڏيو آهي ۽ ڪنهن به حوالي کان انهن جي حيثيت کي ثانوي چاڻايو آهي. اصلاح پسندن انهيءَ سوچ ۾ دلچسپي ڏيکاريندي. انهي جي تشريح، هن طرح سان ڪئي آهي، ته مرحليوار انقلابي گهرجن، پنهنجي جاءِ تي اختيار، هميشه سوشل ڊيموڪريٽن واري ”گهٽ ۾ گهٽ پروگرام“ جي حوالي ڪيا هئا، جنهن جو چڱي طرح سان علم آهي، ته سرمائيداراڻي جمهوريت جون حدون ڪونه ٿو اُرانگهي. حقيقت اها آهي، ته پٽرنامي جي ليڪڪن پنهنجي تبديلين واري منصوبي جي مڪيه درستگي جي لاءِ بلڪه چڱي طرح سان اشارو ڏنو هو، جنهن کي ڪٽي ائين چئجي، ”ته مزدور طبقي جي لاءِ اهو ممڪن نه آهي، ته رڳو ٺهيل ٺڪيل رياستي مشينري پنهنجي هٿن ۾ وٺي ۽ ان کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪري.“ بين لفظن ۾، انهي ترميم، مارڪس سرمائيداراڻي رياست کي ڪميون نموني هڪ رياست جي منهن مقابل اچي بيهاريو. انهي قسم جي رياست، پوءِ اچي گهڻي قدر سويت رياست جي جامع شڪل اختيار ڪئي. اڄ جي دور ۾ انهن سويتن ۽ مزدور طبقي جي اقتدار ڪانسواءِ، ڪوبه پيو انقلابي پروگرام ٿي نٿو سگهي. پٽرنامي جون باقي ڏهه تدبيرون، جيڪي پارلياماني نظام ۾ مدي خارج طور رونما ٿيون، اڄ جي دور ۾ سچ ته پنهنجي وري، مڪمل طرح صحيح اهميت حاصل ڪري چڪيون آهن. ٻئي حوالي سان سوشل ڊيموڪريٽن جو ”گهٽ ۾ گهٽ پروگرام“ مايوس ڪن حد تائين مدي خارج ٿي چڪو آهي.

6. انهي بنياد تي توقع ڪندي، ”جرمن سرمائيداراڻو انقلاب.... فوري طور تي هڪ مزدور انقلاب لاءِ رستو صاف ڪندو.“ پٽرنامو وڏي پيماني تي، ترقي يافته يورپي تهذيب جي حالتن کي، 17 صدي جي انگلينڊ ۽ 18 صدي جي فرانس ۾ مروج حالتن ۽ وڏي پيماني تي مزدور طبقي (پرولتايه) جي ترقي سان تشبيهه ڏي. هن اڳڪٿي ۾ صرف تاريخ جي غلطي ڪونه هئي. 1848ع جي انقلاب، چند مهينن جي اندرئي، اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏي، ته ترقي يافته حالتن پٽاندڙ ڪوبه سرمائيداراڻو طبقو، ان جي اهل ڪونه هوندو، جو انقلاب کي پنهنجي زوال ڏانهن ڌڪي ڇڏي. مٿيون ۽ وچولو سرمائيداراڻو طبقو، تمام ويجي ڪان زميندارن سان ڳنڍيل هوندو آهي ۽ عوام جي خوف ۾ ورتل هوندو آهي. وچولو طبقو تمام گهڻو ورهايل هوندو آهي ۽ ان جا اڳواڻ، مٿئين سرمائيداراڻي طبقي تي تمام گهڻو انحصار ڪندا آهن. سرمائيداراڻو انقلاب پنهنجي ئي وهڪري هيٺ يورپ ۽ ايشيا ۾، جيئن مشاهدي هيٺ آيو آهي، ته پوءِ ٿيل ترقي دوران، ڪنهن به نموني سان عام طرح مڪمل نه ٿي سگهيو. سماج مان نام نهاد جاگيرداري جو مڪمل خاتمو، صرف ان لحاظ کان سمجهه جوڳو آهي، ته مزدور طبقو، سرمائيداراڻين پارٽين جي اثر کان آزاد ٿيندي، هارين جي سرواڻي ڪندي، انقلابي اقتدار قائم ڪري. هن طريقي سان سرمائيداراڻو انقلاب، پهرئين مرحلي طور سوشلسٽ انقلاب ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ بعد ۾ هو ان سرمائيداري انقلاب کي ختم ڪري ٿو ڇڏي. قومي انقلاب، پوءِ اچي، اتي عالمي انقلاب سان ڳانڍاپو ڪري ٿو. معاشي بنيادن جي تبديلي ۽ سمورا رشتا، هڪ مستقل خاصيت اختيار ڪن ٿا.

ايشيا، لاطيني آمريڪا ۽ آفريڪا جي پوئتي پيل ملڪن ۾، ڪم ڪندڙ انقلابي پارٽين ڪي جمهوري انقلاب ۽ مزدور طبقي جي اقتدار جي ويجهي ڳانڍاپي ڪي، چڱي طرح سمجهڻ گهرجي ۽ تنهن ڪري، ئي عالمي سوشلسٽ انقلاب، زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي.

7. جڏهن اهو چاٽائيندي، ته سرمائينداري، ڪيئن پوئتي پيل ۽ وحشي ملڪن ۾ پنهنجي ئي نظام جي ور چڙهي ٿي وڃي، پڏرنامو بيٺڪيت وارن ملڪن جي آزادي وارين جدوجهدن بابت، ڪوبه ذڪر نٿو ڪري. وڌيڪ اهو، ته مارڪس ۽ اينگلس سوشلسٽ انقلاب، ''گهٽ ۾ گهٽ، گهڻو ترقي يافته ملڪن،'' ۾ ممڪن پئي سمجهيو. ايندر ڪجهه سالن جي مسئلي طور، انهن لاءِ بيٺڪي مسئلو خودبخود حل ٿيندي ٿي نظر آيو، جيڪو مظلوم قومن جي تحريڪ آزادي جي نتيجي طور نه، پر سرمائيداري جي گادي وارن شهرن ۾ مزدور طبقي جي ڪاميابي جي ڪري نظر ٿي آيو. تنهن ڪري پڏرنامي طرفان، بيٺڪي ۽ نيم بيٺڪي ملڪن اندر، انقلابي حڪمت عملي جو مسئلو مڪمل طور تي نه اٿاريو ويو آهي. اجا تائين هي مسئلا آزاد حل گهرن ٿا. مثال طور، اهو مڪمل طور تي واضح نظر ايندو، ته جڏهن ''وطن'' جو نعرو، ترقي يافته سرمائيدار ملڪن جي نسبتن، ترقي پسند عنصر طور تي، انهن (ترقي پذير) ملڪن ڪي، اجا تائين ان ڳالهه تي مجبور ڪري رهيو آهي، ته اهي آزادي جي وجود خاطر جدوجهد ڪن.

پڏرنامو ٻڌائي ٿو، ته ''ڪميونسٽ، هر هنڌ، موجود سماجي ۽ سياسي نظام خلاف هر انقلابي تحريڪ ۾ مدد ڪن ٿا.'' رنگدار قومن طرفان، پنهنجي ظالم سامراجن جي خلاف تحريڪ، جيڪا موجوده نظام خلاف تمام اهم ۽ طاقتور تحريڪ هئي، ان ۾ مزدور طبقو سفيد قومن ڪي، بنا شرط جي، مڪمل ۽ لامحدود مدد ڪرڻ جو اعلان ڪري رهيو آهي. مظلوم قومن لاءِ انقلابي حڪمت عملي وارو تاج بنيادي طور تي لينن جي سر تي ٿو اچي.

8. پڏرنامي جو تمام پراڻو سيڪشن، طريقي جي طور تي نه، پر مادي طور تي اهو آهي، ته ''سوشلسٽ ادب'' تي تنقيد، جيڪا 19 صدي جي پهرئين حصي ۾ ٿي (جيئن باب ٽئين ۾ ڏنل آهي.) ۽ ڪميونسٽن جي ٻين ڪيترين ئي مخالف پارٽين سان واسطي متعلق صورتحال جي وضاحت بابت آهي. (جيئن باب چوٿين ۾ ڏنل آهي) پڏرنامي ۾ ڏنل پارٽيون ۽ انهن جون تحريڪون، جيڪي 1848ع جي انقلاب جي ذريعي يا ان ڪانپوءِ رد انقلاب جي ڪري، ايترو ته مڪمل طور تي ختم ٿي ويون، جو هاڻي انهن جا نالا صرف تاريخي ڊڪشنري ۾ ڏسڻ گهرجن. جيئن ته هن سيڪشن ۾ پڙ، پڏرنامو، شايد اڳئين نسل جي مقابلي ۾، هاڻي اسان ڪي گهڻو ويجهو آهي. ٻئي انٽرنيشنل جي عروج دوران، جڏهن مارڪسزم پنهنجي صفن ۾ مضبوط ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي نظر اچي ٿو. مارڪسي سوشلزم کان اڳ وارا خيال، ائين پئي سمجهايا ويا، چڻ ته، اهي ماضي ۾ فيصله ڪن طور تي غرق ٿي ويا هجن. اڄ حالتون ٻيو رخ اختيار ڪري چڪيون آهن. سوشل ڊيموڪريسي ۽ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جو پاڻ ۾ جدا ٿيڻ وارو عمل، هر لحاظ کان عظيم نظرين جي تباهي ٿيڻ جي ڪري ٿيو آهي. پراڻا خيال ڏسڻ ۾ ٻاراٽا لڳندا آهن. دانشور، زوال واري دور ۾ ڪجهه اهڙن بچاءُ ڪندڙ فارمولن جي ڳولا ڪندي، ڪي نوان اصول دريافت ڪري رهيا آهن، جيڪي سائنسي سوشلزم ۾ گهڻو وقت اڳي سمايل هئا.

مخالف پارٽين جي مسئلي ڪي چيڙيندي، اهو سمجهه ۾ اچي ٿو ته گذريل ڏهاڪن ڪيترين ئي گهرين تبديلين ڪي جنم ڏنو آهي، نه رڳو ان خيال کان ته پراڻين پارٽين جي جاءِ، نين پارٽين والاري آهي؛ پر ان خيال کان ته هن سامراجي حالتن واري دور ۾، پارٽين جو اهم ڪردار ۽ پاڻ ۾ لاڳاپو، بنيادي طور تي تبديل ٿي ويو آهي. تنهنڪري ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي، ڪانگريسن جي، شروع وارن چئن اجلاسن جي سڀني اهم دستاويزن، بالشوازم جو ضروري مواد ۽ چوٿين انٽرنيشنل جي ڪانفرنسن جي ڪيل فيصلن ڪي هن پڏرنامي ۾ ضرور شامل ڪرڻ گهرجي.

اسان اڳئي مٿي چئي چڪا آهيون ته مارڪس جي نظريي موجب ڪوبه سماجي نظام ان ۾ سمايل قوتن کي اڳواٽ تباهه ڪرڻ بنا، ختم ٿي نٿو سگهي؛ پر پوءِ به بغير ڪنهن جدوجهد جي، پراڻو سمجاي نظآم نئين سماجي نظآم کي جاءِ نٿو ڏئي، سماجي نظآمن جي تبديلي، اڳ ۾ ئي هڪ شديد طبقاتي جدوجهد جي پٺاندڙ، عمل ۾ ايندي آهي، جنهن کي اسان انقلاب جو نالو ڏيون ٿا. جيڪڏهن مزدور طبقو هڪ يا ٻئي سبب جي ڪري پراڻي سرمائيدراڻي نظآم کي جرئتمنديءَ سان ختم ڪرڻ ۾ نااهل ثابت ٿئي ته جدوجهد ۾ مالي سرمايو ان حڪمراني کي ڪمزور ڪندو، جيڪو ٻيو ڪجهه نه ڪري سگهيو ته وچولي طبقي کي ضرور تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندو ۽ ان کي فاشسٽ قاتل فوج ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو. سرمائيداراڻي تباهي ۽ وچولي طبقي جي فاشسٽن جي تباهي هڪٻئي سان سبب ۽ عمل (چولي دامن) ذريعي جڙيل آهي.

موجوده دور ۾، ٽين انٽرنيشنل به ٻئي انٽرنيشنل کان تمام گهٽو غير ذميواري وارو ڪردار نڀائيندي سمورن ملڪن ۾، مزدورن سان دوکو ڪري انهن کي ذليل ڪيو آهي. اسپيني مزدور طبقي جي ڪارڪنن جو قتل عام ڪندي ماسڪو جي بي لغام ۽ ڀاڙيتو ڪردار ادا ڪندڙ آفيسر شاهي نه فقط فاشزم لاءِ رستو صاف ڪري رهي آهي، پر مزدورن جي حقن جو وڏي پئماني تي استحصال پڻ ڪري رهي آهي. عالمي انقلاب جو ڏگهو بحران، جيڪو هاڻي انساني تهذيب جي وڏي ۾ وڏي بحران ۾ تبديل ٿي رهيو آهي، اهو انقلابي اڳواڻ واري بحران جي ضرورت ۾ گهٽتائي ڪري رهيو آهي.

هڪ عظيم رسم جي وارث جي حيثيت ۾ چوٿين انٽرنيشنل پراڻن مسئلن جي حل لاءِ نون ڪارڪنن جي تربيت ڪري رهي آهي، جنهن لاءِ ڪميونسٽ پارٽي جو پڙرنامو هڪ قيمتي ڳانڍاپو پيدا ڪري رهيو آهي. انقلابي نظريي ڏانهن ايمانداراڻي رويي جو اظهار سماجي حقيقت جي نئين سر جڙڻ جو هڪ شديد گهرج وارو عمل اهي. اونداهي کنڊ (آفريڪا) جي ڏاکڻي حصي ۾ اسان جي هم خيالن دانشورن، جن پهريون ڀيرو پڙرنامي جو آفريڪي ٻولي ۾ ترجمو ڪيو هو؛ اهو انهي حقيقت جو هڪ ٻيو واضح مثالن تحت هڪ تجزيو آهي، جنهن ڪري مارڪسي تصور، اڄ چوٿين انٽرنيشنل جي جهنڊي هيٺ زندهه آهي ۽ ان سان ئي مستقبل لاڳاپيل آهي. جڏهن هن پڙرنامي جي صدي ملهائي ويندي، ته ان وقت چوٿين انٽرنيشنل اسان جي ڌرتي تي فيصله ڪن انقلابي طاقت بڻجي چڪي هوندي.

30 آڪٽوبر 1937ع

ليون ٽراٽسڪي

ميڪسيڪو

كميونسٽ پارٽي جو پڙنامو

يورپ جي مٿان هڪ ڀوت لامارا ڀيو ڏئي. كميونزم جو ڀوت. هن ڀوت كي تڙڻ لاءِ پراڻي يورپ جون سڀئي طاقتون، پوپ ۽ بادشاهه، ميٽرنڪ ۽ گيزو، فرانسيسي باغي سڌارڪ (ريڊيڪل) ۽ جرمن پوليس جي جاسوسن گڏجي هڪ مقدس اتحاد جوڙي ورتو آهي.

اها ڪهڙي مخالف پارٽي آهي، جنهن كي ان جي مخالف اقتداري ڌرين كميونسٽ سڏي رسوا نه ڪيو آهي؟ اهي ڪهڙا مخالف آهن، جن پنهنجو پاڻ كان وڌيڪ ترقي پسند مخالف پارٽين تي ۽ پنهنجي رجعت پرست مخالفن تي پڻ، الٽو، كميونزم جو ٺپو نه لڳايو هجي؟

هن حقيقت سان به ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون.

(1) سمورين يورپي طاقتن كميونزم كي خود پاڻ هڪ طاقت تسليم ڪري ورتو آهي.

(2) وقت اچي ويو آهي، ته كميونسٽ هاڻي سڄي دنيا جي اڳيان كلي طرح پنهنجي خيالن، مقصدن ۽ رجحانن جي اشاعت ڪن ۽ كميونزم جي ڀوت جي هن ٻاراڻي كهاڻي جي جواب ۾، خود پنهنجي پارٽي جو پڙنامو پيش ڪن.

هن ئي مقصد لاءِ مختلف قومن جا كميونسٽ لنڊن ۾ گڏ ٿيا ۽ هيٺيون پڙنامو تيار ڪيو، جيڪو انگريزي، فرانسيسي، جرمن، اطالوي، فليمي ۽ ڊينش زبانن ۾ شايع ڪيو ويندو.

## باب پهريون

### بور جوا ۽ پرولتاري (1)

اڄ تائين سمورن سماجن جي تاريخ، (2) طبقاتي جدوجهد جي تاريخ آهي. آزاد ۽ غلام، امير ۽ غريب، جاگيردار ۽ غلام هاري، استاد (3) ۽ ڪاريگر، مطلب ته ظالم ۽ مظلوم لاڳيتو هڪ ٻئي جي خلاف منهن مقابل رهيا. ڪڏهن ته ڪليل نموني ۽ ڪڏهن پردي پٺيان، سدائين هڪٻئي جي خلاف وڙهندا رهيا ۽ هر دفعي ان لڙائي جو نتيجو هي نڪتو، ته يا ته نئين سر سماج جي انقلابي تعمير ٿي يا وڙهندڙ ٻئي طبقا گڏوگڏ تباهه ٿي ويا.

تاريخ جي شروعاتي زمانن ۾، تقريباً هر جاءِ تي، اسين سماج کي مختلف پرتن ۾ تهه به تهه ترتيب ٿيل ڏسون ٿا. مختلف سماجي ترتيب جو هڪ پورو سلسلو ملي ٿو. قديم روم ۾ اسان کي امير (پٽريشن)، ويڙهو سردار (نائٽ)، غريب (پلي بين)

۽ غلام ملن ٿا. وچين دور ۾ جاگيردار، وڏيرا، استاد، ڪاريگر، سيکڙاٽ شاگرد ۽ غلام هاري ۽ تقريباً هنن سمورن طبقن ۾ اجا وڌيڪ ورهاستون هيون.

”جديد سرماياداراڻو سماج جيڪو جاگيرداراڻي سماج جي کنڊرن مان اپريو آهي طبقاتي اختلافن کي

(1) بورجوا مان مراد جديد سرمائيدارن جو طبقو آهي، جيڪي سماجي پيداوار جي وسيلن جا مالڪ آهن ۽ مزدورن کان اجوري تي ڪم وٺندا آهن. پرولتاري موجوده زماني ۾ اجوري تي ڪم ڪرڻ وارن مزدورن جو طبقو آهي، جنهن وٽ پنهنجو ڪو به پيداوار جو ذريعو ڪونه آهي ۽ جنهن کي زندهه رهڻ لاءِ پنهنجي محنت جي قوت وڪرو ڪرڻي پوي ٿي.

(2) يعني اها سموري تاريخ جيڪا لکجي چڪي آهي. 1847ع ۾ سماج کان اڳ جي تاريخ جو زمانو، يعني تاريخ جي لکڻ کان اڳ جي سماجي تنظيم، چڻ ته ڪنهن کي به معلوم نه هئي، پر ان ڪانپوءِ هيڪس ٿاسن روس ۾ زمين جي اشتراڪي ملڪيت جو پتو لڳايو. ان ڪانپوءِ ماورر ثابت ڪيو، ته سمورن قديم جرمن نسلن، جڏهن تاريخ جي چانوٽ تي قدم رکيو، ته ان وقت هن جي اجتماعي بناوت جو بنياد انهي پائيچاري واري ملڪيت تي هئو ۽ آهستي آهستي خبر پئي، ته هندستان کان آئرلينڊ تائين هر جاءِ تي سماج ڳوٺاڻين برادرين جي شڪل ۾ منظم هئو، يا ان شڪل ۾ رهيو آهي ۽ مارگن جڏهن خاندان جي اصلي نوعيت قبيلي سان ان جي تعلق جو حال معلوم ڪيو، ته ان قديم ڪميونسٽ سماج جي اندروني تنظيم، ان جي خاص شڪل، اوندهه مان روشني ۾ پڌري ٿي پئي. اها نئي دريافت مارگن جو وڏو ڪارنامو آهي. هنن قديم برادرين جي وکرجڻ ٿيڻ تي سماج ۾ الڳ الڳ ۽ آخرڪار مخالف طبقن ۾ امتياز پيدا ٿي پيو. مون پنهنجي ڪتاب (خاندان، ذاتي ملڪيت ۽ رياست جو آغاز) ۾ ان انتشار جو نقشو ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. (اينگلس)

(3) استاد يعني گلڊ ماسٽر، هنرمندن جي تنظيمن يعني گلڊ جا مڪمل ميمبر هوندا هئا. اهي سموري تنظيم جا سردار نه، پر ان جي اندر ميمبرن جي حيثيت رکندا هئا. (اينگلس)

ختم ڪري نه سگهيو. ان تي فقط پراڻي جي جاءِ تي نوان طبقا، ظلم جون نيون صورتون ۽ جدوجهد جون نيون شڪليون پيدا ڪري ڇڏيون

پر پوءِ به اسان جو دور، جيڪو سرمائيدار طبقي جو دور آهي، هڪ امتيازي صفت رکي ٿو. هن طبقاتي اختلافن جي پيچيدگين کي گهٽ ڪري ڇڏيو آهي. سماج بحيثيت مجموعي ڏينهون ڏينهن ٻن مخالف مورچن، ٻن وڏن طبقن، سرمائيدار ۽ صنعتي مزدورن ۾ ورهائبو پيو وڃي، جيڪي هڪٻئي جي خلاف منهن مقابل آهن.“

وچين دور جي غلام هارين مان ابتدائي شهرن جا حقوق يافته شهري پيدا ٿيا هئا. انهن ئي شهرين مان سرمائيدار طبقي جي ابتدائي عنصرن جي واڌ ويجهه ٿي.

آمريڪا جي دريافت ۽ آفريڪا جي چوڌاري جهاز راني شروع ٿيڻ جي سبب، اپرندڙ سرمائيدار طبقي جي لاءِ نوان رستا کلي پيا. اوپر هندستان ۽ چين جي منڊين، آمريڪا جي نوآبادڪاري،

نوآبادين سان واپار، مٽاسٽا جي وسيلن ۽ عام طور تي جنسن جي گهٽائي، واپار، جهازراني ۽ صنعت کي اهڙي ترغيب ڏني، جيڪا ان کان اڳ ڪڏهن به ڏسڻ ۾ نه آئي هئي، ۽ ان ئي سبب جي ڪري ڍهندڙ جاگيرداراڻي سماج ۾ انقلابي عنصرن کي تيزيءَ سان وڌڻ جا موقعا مليا.

صنعت جو نظام اڳوڻي جاگيرداراڻي يا سوداگري جو هاٿوڪي نين منڊين جي وڌندڙ گهرجن جي لاءِ ناڪافي ٿي ويو. ڪارخانه دار نظام انهي جي جاءِ والاري. استاد کي وچولي ڪارخانيدار پرت ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. هر ڪارخاني جي اندروني محنت جي ورهاست جي مقابلي ۾ هنرمندن جي مختلف تنظيمن جي پاڻ ۾ محنت جي ورڇ ختم ٿي ويئي.

ساڳئي وقت منڊيون لڳاتار ڦهلبيون رهيون، طلب لاڳيتو وڌندي رهي، ايستائين جو هاڻ ڪارخانيداري به پوري نه پئي پوي. تڏهن ٻاڦ ۽ مشين صنعتي پيداوار ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. ڪارخانيداري جي جاءِ تي جديد ۽ ڳري صنعت ۽ وچولي ڪارخانيدار پرت جي جاءِ تي صنعتي ڪروڙپتين، وڏين وڏين صنعتي فوجن جي اڳواڻن يعني، جديد سرمائيدار طبقي والاري ڇڏي.

جديد صنعت عالمي منڊي قائم ڪئي، جنهن لاءِ آمريڪا جي دريافت رستو ڪولي چڪي هئي. هن منڊيءَ، جهاز راني ۽ خشڪي جي آمدرفت وارن وسيلن کي زبردست ترقي ڏني. هن ترقي سان صنعت جي واڌ ۾ وڌيڪ مدد ملي ۽ جيئن جيئن صنعت، واپار جهاز راني ۽ ريلوي ۾ اضافو ٿيو، ان مناسبت سان سرمائيدار طبقي جي واڌ ويجهه ٿي. ان پنهنجو سرمايو وڌايو ۽ هر ان طبقي کي ڌڪي پوئتي ڪري ڇڏيو، جيڪو وچين دور کان هلندو پئي آيو.

مطلب ته اسان ڏسون ٿا، ته خود جديد سرمائيدار طبقو ارتقا جي ڊگهي سلسلي جي، پيداوار ۽ مٽاسٽا جي طريقن ۾ مسلسل ڪيترين تبديلين جو نتيجو آهي.

سرمائيدار طبقي پنهنجي واڌ ويجهه جي دوران، جيڪي به قدم ڪنيا، ان سان گڏ، انهي مناسبت سان، انهي طبقي جي سياسي ترقي به ٿي. جاگيردارن جي حڪومتي دور ۾ اهو هڪ مظلوم طبقو هئو. وچين دور جي ڪميون (1) ۾ هڪ هٿيار بند ۽ خودمختيار تنظيم، ڪٿي آزاد شهري جمهوري حڪومتون (جيئن اٽلي ۽ جرمني ۾) ۽ ڪٿي بادشاهي حڪومت ۾ ٽيڪس ڀريندڙ ”ٽيون طبقو“ (جيئن فرانس ۾) بعد ۾ اصل ڪارخانيداري جي زماني ۾ ان حڪمرانن جي خلاف نيم جاگيرداراڻي يا خودمختيار شاهي حڪومت جو پاسو وزندار ڪيو ۽ حقيقت ۾ عام طور تي وڏين بادشاهتن جو سبب بڻيو. ان ئي سرمائيدار طبقي نيٺ وڏي صنعت ۽ عالمي منڊي قائم ٿي وڃڻ تي جديد نمائنده رياست ۾ بنا ڪنهن ٻئي جي شرڪت جي پنهنجي لاءِ سياسي اقتدار حاصل ڪري ورتو. جديد رياست جو انتظامي ڍانچو ته فقط هڪ ڪميٽي جهڙو آهي. جيڪو سرمائيدار طبقي جي لاءِ مشترڪه معاملن جي سار سنڀال ڪري ٿو.

سرمائيدار طبقي تاريخي اعتبار کان نهايت انقلابي ڪردار ادا ڪيو آهي.

سرمائيدار طبقي جو جتي غلبو ٿيو، اتي هن سموري جاگيرداراڻي، قبائلي ۽ ڳوٺاڻي رومانوي تعلقاتن جو خاتمو ڪري ڇڏيو. هن بيدرديءَ سان انهن ڳوڙهن جاگيرداراڻن رشتن کي ٽوڙي ڇڏيو، جن انسان کي ان جي ”پيدائشي آقائن“ جو پابند ڪري رکيو هيو ۽ رڳو تن پروري ۽ بيدرد ”پئسي جي ڏي وٺ“ کانسواءِ ماڻهو، ماڻهو جي وچ ۾ ڪو به رشتو رهڻ نه ڏنو. هن مقدس مذهبي ولولي، بهادري جي ڪارنامن ۽ وچولي طبقي (پيٽي بورجووا) جي جذبات پرستي جي سموري ڪيفيت کي حرص ۽ خود غرضي جي سرد پاڻي ۾ ٻوڙي ڇڏيو. هن انسان جي ذاتي جذبن کي پائي پئسي ۾ بدلائي ڇڏيو ۽ بيشمار ناقابل ضبط سند يافته آزادين جي جاءِ تي مڪر سان ڀريل اڪيلي آزادي قائم ڪئي، اها آهي واپار جي آزادي مختصرن اهو ته مذهب ۽ سياست جي پردن سان ڍڪيل استحصال جي جاءِ تي اگهاڙو، بي حيا ۽ سنئون سڌو وحشياڻو استحصال رائج ڪري ڇڏيو آهي.

سرمائيدار طبقي خانداني رشتن جي نفيس جذبات پرستي جو پردو ڦاڙي وڌو آهي ۽ ان کي فقط ٽڪي پئسي جو رشتو بڻائي ڇڏيو آهي.

(1) ”ڪميون“ فرانس جي شروعاتي ڳوٺاڻن شهرن (نون اڀرندڙن شهرن) جو نالو، ان وقت کان وٺي هلندو پيو اچي، جڏهن انهن پنهنجي جاگيردار آقائن سان وڙهي مڪاني خود حڪومت ۽ ”ٽئين طبقي“ جي حيثيت سان پنهنجا سياسي حق به شامل نه ڪيا هئا. هن ڪتاب ۾ عام طور

تي سرمائيدار طبقي جي اقتصادي واڌ ويجهه جو ذڪر ڪندي، انگليند کي ۽ سياسي واڌ ويجهه جو ذڪر ڪندي فرانس کي نظر ۾ رکيو ويو آهي.
اٽلي ۽ فرانس جي شهري رهواسين پنهنجي شهري برادرين کي هي نالو ان وقت ڏنو هو. جڏهن انهن پنهنجي جاگيردار مالڪن کان خود حڪومت جا ابتدائي حق خريد ڪيا يا زبردستي حاصل ڪيا. (اينگلس)

تاريخ جي وچين دور ۾ (عيش پرستي واري) مڙسي جي وحشي نمائش ڪئي ويندي هئي، جنهن جا رجعت پرست گهڻو چاهيندڙ آهن. پر سرمائيداريءَ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي، ته اها طاقت جي نمائش فقط تصوير جو هڪ پاسو آهي. ان جو لازمي ٻيو پاسو سستي ۽ نڪمائي آهي. اهو پهريون طبقو آهي، جنهن ٻڌايو، ته انسان جي محنت ڇا ڇا ڪري سگهي ٿي ان اهڙا عجيب ڪارناما ڪري ڏيکاريا، جن جي ڀيٽ ۾ احرام مصر رومي واهه ۽ گوٿ قوم جا ناهيل شاندار گرجا ڪجهه به نه آهن. ان اهڙيون اهڙيون مهمون سر ڪيون آهن، جن جي اڳيان سموري اڳوڻي زماني جي قومن جون مهمون ۽ صليبي جنگيون ڪجهه به نه آهن.

سرمائيدار طبقو پيداوار جي اوزارن ۾ ۽ انهن جي ڪري پيداوار جي تعلقاتن ۾ ۽ ان سان گڏ سماج جي سمورن تعلقاتن ۾ لاڳيتو انقلابي اٿل پٿل ڪرڻ بنا زنده رهي نٿو سگهي. ان جي برعڪس پيداوار جي پراڻن طريقن کي بنا ڪنهن ردوبدل جي جيئن جو تيئن قائم رکڻ، اڳوڻي زماني جي سڀني صنعتي طبقن جي بقا جو پهرئين شرط هئو. پيداوار ۾ مسلسل انقلابي اٿل پٿل، سڀني سماجي تعلقاتن ۾ لڳاتار خلل، مستقل عدم استحڪام ۽ هلچل، سرمائيداري جي دور کي اڳين سڀني زمانن کان الڳ ڪري ٿي. سڀئي پراڻا تعلقات، جيڪي پٿر تي لڪير بڻجي چڪا هئا، پنهنجي قديم ۽ احترام لائق تعصبن ۽ عقيدن وارن لشڪرن سميت نيست ۽ نابود ٿي ويا ۽ نوان قائم ٿيڻ وارا لاڳاپا اجا پاڙون به نٿا هڻن، جو فرسوده ٿيو وڃن. ڪالهه تائين جيڪو ٺوس هئو، اڄ اهو هوا بڻجي ويو، جيڪو پاڪ هئو، اهو پليت ٿي ويو ۽ انسان آخرڪار مجبور ٿيو، ته هو پنهنجي زندگي جي حقيقتن جو پنهنجي نسل سان ان جي تعلقاتن جو پوري هوش ۽ حواس سان جائزو وٺي.

پنهنجي مال جي لاءِ منڊي کي لاڳيتو وڌائڻ جي ضرورت سرمائيدار طبقي کي سڄو جهان رلايو آهي. ان کي هر ٿاري تي آکيرو ٻڌائڻو پوي ٿو. هر جڳهه گهر وسائڻو پوي ٿو ۽ هر جاءِ لاڳاپا قائم ڪرڻا پون ٿا.

سرمائيدار طبقي عالمي منڊي جي استعمال ذريعي هر ملڪ ۾ پيداوار ۽ کپت کي آفاقي رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي. رجعت پرست ڏاڍا ڪاوڙيل آهن، ته صنعت جنهن قومي بنيادن تي بيٺي هئي. اها زمين انهي جي پيرن هيٺان نڪري ويئي، اڳي کان هلندڙ سموريون قومي صنعتون تباهه ڪيون ويون يا ڏينهون ڏينهن تباهه ٿينديون پيون وڃن، نيون صنعتون انهن جي جاءِ والاري رهيون آهن، جن کي رائج ڪرڻ سمورن مهذب قومن جي لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال بڻجندو پيو وڃي. هي اهي صنعتون آهن، جن ۾ پنهنجي ملڪ جو ڪچو مال استعمال نٿو ٿئي، بلڪه پري پري (ٻين ملڪن) جي علائقن مان ڪچو مال اچي ٿو. انهن صنعتن جي پيداوار جي کپت صرف پنهنجي ملڪ ۾ نه پر سڄي دنيا جي هر ڪنڊڪڙڇ ۾ ٿئي ٿي. پراڻين ضرورتن جي جاءِ تي، جيڪي پنهنجي ملڪ جي پيداوار مان پوريون ٿي وينديون هيون، هاڻ نيون ضرورتون پيدا ٿي ويون آهن، جن کي پوري ڪرڻ لاءِ ٻاهرين ملڪن ۽ علائقن جو مال کپي، پراڻي مقامي ۽ قومي عليحدگي ۽ خود ڪفالت جي بدلي ۾ هاڻ هر طرف گڏيل شراڪت جو دور هلي پيو ۽ قومن جي هڪٻئي سان عالمگير وابستگي ڏسڻ ۾ پئي اچي ۽ مادي پيداوار جو جيڪو حال آهي، اهوئي ذهني پيداوار جو به آهي. هر قوم جا ذهني ڪارناما سڄي دنيا جو ورثو بڻجندا پيا وڃن. قومي يڪطرفي پڻو ۽ تنگ نظري ڏينهون ڏينهن ناممڪن بڻجندي پئي وڃي ۽ لاتعداد قومي ۽ مقامي ادب سان هڪ عالمگير ادب جنم وٺي رهيو آهي.

سرمائيدار طبقو سمورن پيداواري اوزارن کي تيزيءَ سان ترقي ڏيئي ۽ آمدرفت جي وسيلن کي بيحد آسان بڻائيندو رهي ٿو، ۽ ان جي طاقت ذريعي هو سمورين قومن کي ايستائين جو انتهائي وحشي قومن کي به تهذيب جي دائري ۾ ڇڪيندو پيو اچي. ان جي واپاري مال جي گهٽائي، گولا بارود

جو ڪم ڪري رهي آهي، جنهن سان ماري ماري، هر ديوار چين ڪي ڪيرائي ڇڏي ٿو ۽ ضدي ڪان به ضدي وحشيت ڪي جن جي دلين مان غيرن جي نفرت جو جذبو مارڻ سان به نٿو مري، انهن ڪي هار مڃڻ تي مجبور ڪريو ڇڏي. هو سمورين قومن ڪي مجبور ڪري ٿو ته پيداوار جو سرمايادارانو طريقو اختيار ڪن يا ختم ٿي وڃن. هو انهن ڪي مجبور ڪري ٿو، ته اهي به انهن جي اختيار ڪيل تهذيب ڪي پنهنجو پاڻ وٽ رائج ڪن، يعني اهي خود به سرمائيدار بڻجن. مختصرن اهو ته هو پنهنجي سانچي ۾ دنيا ڪي وجهيو ڇڏي.

سرمائيدار طبقي ڳوٺن ڪي شهرن جي تابع ڪري ڇڏيو آهي، ان وڏا وڏا شهر وسايا آهن، ڳوٺن جي مقابلي ۾ شهري آبادي ڪي تمام گهڻو وڌائي ڇڏيو آهي ۽ ساڳئي طرح آبادي جي هڪ وڏي حصي ڪي ڳوٺاڻي زندگي واري سست زندگي ڪان ڇوٽڪارو ڏياريو آهي ۽ جنهن ريت ان ڳوٺن ڪي شهرن جو ڳيجهو بڻايو، ساڳئي طرح اڻ سڌريل ۽ اڌسريل ملڪن ڪي مهذب ملڪن جو، زرعي قومن ڪي سرمائيدار ملڪن جو ۽ اوپر ڪي اولهه جو محتاج بڻايو.

سرمائيدار طبقو پيداوار جي ذريعن، ملڪيت ۽ آبادي جي وکريل حالت ڪي ڏينهون ڏينهن ختم ڪندو پيو وڃي. ان وڏين آبادين ڪي ڪٺي ڪيو آهي. پيداوار جي ذريعن ڪي مرڪزيت بخشي آهي ۽ ملڪيت ڪي چند هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي. ان جو لازمي نتيجو سياسي مرڪزيت هئو. صوبا، جيڪي آزاد هئا يا جن ۾ ڪو واضح تعلق نه هئو، جن جا مفاد قانون، حڪومتون ۽ محصولن جا طريقا الڳ الڳ هئا، هاڻي اهي ملي هڪ قوم بڻجي ويا آهن. جن جي هڪڙي حڪومت آهي، قانون جو هڪ ئي ضابطو آهي، هڪ طبقاتي مفاد آهي، هڪ سرحد ۽ هڪ ڪسٽم ڊيوٽي آهي.

سرمائيدار طبقي بمشڪل هڪ سئو سالن جي دور حڪومت ۾ اينري وڏي ۽ ديو جيڏي پيداوار جي قوتن ڪي تخليق ڪري ورتو آهي، جو گڏيل سموريون نسلون، گڏجي به نه ڪري سگهيون هيون. قدرت جي طاقتن تي انسان جي پهچ، مشينون، صنعت ۽ زراعت ۽ ڪيميا جو استعمال، ٻاڦ واري جهازراني، ريلوي، برقي تار، زراعت جي لاءِ سمورن ڪنڊن (خطن) جي صفائي، واهه ڪوٽي، دريائن ڪي ملائڻ ۽ ڄڻ ته جادو جي زور تي زمين جو سينو چيري اڪ ڇنپ ۾ وڏين وڏين آبادين جو قائم ٿيڻ. اڄ ڪان اڳ ڪنهن به زماني جي ماڻهن جي وهم ۽ گمان ۾ اها ڳالهه نه هئي، ته اجتماعي محنت جي جهولي ۾ اهڙيون اهڙيون پيداواري طاقتون ستيون پيون آهن!

جيئن اسان ڏسون ٿا ته پيداوار ۽ مٽا سٽا جا وسيلا جن جي بنياد تي سرمائيدار طبقي پنهنجو پاڻ ڪي ٺاهيو، جيڪو جاگيرداراڻي سماج ۾ پيدا ٿيو هيو، پيداوار ۽ مٽاسٽا جي انهن وسيلن جي واڌ ويجهه ۾ هڪ منزل اهڙي به آئي جو جاگيرداراڻي سماج جي حالتن ۾ جن ۾ مال جي پيداوار ۽ ان جي مٽاسٽا ٿيندي هئي. زراعت ۽ ڪارخاني واري صنعت جي جاگيرداراڻي تنظيم جي اندر، مختصرن اهو ته ملڪيت جي جاگيرداراڻه رشتن سان هاڻي وڌيل پيداواري قوتن جو نباهه ناممڪن ٿي ويو. اهي رشتا انهن قوتن جي پيرن جي زنجير بڻجي ويا. انهن زنجيرن ڪي ٽوڙڻو هئو، انهن ڪي ٽوڙيو ويو.

هاڻي آزاد مقابلي، ان جي جاءِ والاري ۽ پنهنجي حال موجب هڪ سماجي ۽ سياسي نظام ۽ سرمائيدار طبقي جو اقتصادي ۽ سياسي اقتدار به گڏوگڏ ڪٺي آيو.

هن قسم جي هڪ تبديلي خود اسان جي اکين جي اڳيان ٿي رهي آهي. جديد سرمائيداراڻي سماج ڄڻ جادو جي زور تي پيداوار ۽ مٽا سٽا جا تمام وڏا وسيلا پيدا ڪري ورتا آهن، پر پيداوار، مٽا سٽا ۽ ملڪيت جي پنهنجن رشتن سميت هن سماج جي حالت انهي جادوگر جهڙي آهي، جنهن جادو جي شيطاني طاقتن ڪي جڳائي ته وڌو آهي، پر هاڻ انهن ڪي ڪنٽرول ۾ رکي نٿو سگهي. گڏيل ڪيترن سالن ڪان صنعت ۽ واپار جي تاريخ، جديد پيداواري قوتن جي بغاوت جي تاريخ آهي. بغاوت، جديد پيداوار جي لاڳاپن جي خلاف ۽ ملڪيت جي انهن رشتن خلاف، جيڪي سرمائيدار (بورجووا) طبقي ۽ ان جي اقتدار ڪي قائم رکڻ جي لاءِ ضروري آهي. هن سلسلي ۾ انهن واپاري بحرانن جو نالو وٺڻ ئي ڪافي آهي، جيڪي لڳاتار ڪجهه وقفي ڪانپوءِ موٽيو اچن ۽ سڄي سرمائيداراڻي سماج جي زندگي ڪي هر دفعي اڳي ڪان به وڏي خطري ۾ وجهيو ڇڏين. انهن بحرانن ۾ هر پيري صرف تيار ٿيل مال جو ئي نه، پر اڳي ڪان بڻيل پيداواري قوتن جو به هڪ وڏو حصو برباد ڪري ڇڏين. انهن بحرانن ۾ ڄڻ هڪ وبا

ڦهلجيو وڃي، واڌو پيداوار جي وبا، جيڪا گذريل سمورن زمانن ۾ هڪ ناممڪن ڳالهه لڳي ها. سماج اوچتو پنهنجو پاڻ کي ڪجهه ڏينهن جي لاءِ بربريت واري حالت ۾ ڏسي ٿو. ائين ٿو لڳي جيئن ڏڪار يا عالمگير جنگ جي تباهين، سمورن حياتي جي وسيلن جا دروازا بند ڪري ڇڏيا هجن. صنعت ۽ واپار برباد ٿيندي نظر ايندا آهن ۽ اهو ڇو؟ ان ڪري ته تمدن جي برڪتن جي گهڻائي آهي، زندگي جي وسيلن جي گهڻائي آهي، صنعت جي گهڻائي آهي، واپار جي گهڻائي آهي. سماج جي هٿن ۾ جيڪي پيداوار قوتون آهن، انهن ڪان هاڻ سرمائيداراڻي ملڪيت جي نظام جي وڌيڪ ترقي ۾ ڪابه مدد ڪانه ٿي ملي، پر ان جي ابتڙ اهي ايترو طاقتور ٿي ويون آهن جو هن نظام کي سنڀالڻ سان نٿيون سنڀالجن. هي نظام ان جي پيرن جي زنجير بڻجيو وڃي ۽ جيئن ئي اهو انهن زنجيرن تي ڪنٽرول ڪن ٿيون، تيئن سڄي سرمائيداراڻي سماج ۾ خلل پئجي وڃي ٿو. سرمائيدارآڻي ملڪيت جو وجود خطري ۾ پئجي وڃي ٿو. سرمائيداراڻي لاڳاپن جو دامن ايترو سوڙهو آهي جو هو خود پنهنجي پيدا ڪيل دولت کي به سنڀالي نٿو سگهي، پوءِ سرمائيدار طبقو انهن بحرانن تي ڪنٽرول ڪيئن ڪندو آهي؟ ان جي لاءِ هڪ طرف پيداواري قوتن جو وڏو حصو زبردستي برباد ڪري ڇڏيندو آهي. ٻئي طرف نين منڊين تي قبضو ڪيو وڃي ٿو ۽ پراڻين منڊين جو استحصال اڃا به وڌيڪ شدت سان ڪيو وڃي ٿو. يعني اڃا به گهڻو وسيع ۽ تباهه ڪن بحرانن جي لاءِ رستو صاف ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن بحرانن کي روڪڻ جا وسيلا اڃان به گهٽ ڪيا وڃن ٿا.

اهي هٿيار جن سان سرمائيدار طبقي جاگيرداراڻي نظام کي ڊاٿو هئو، هاڻ خود سرمائيدار طبقي جي خلاف اهي هٿيار ڪنيا پيا وڃن.

پر سرمائيدار طبقي، اهي هٿيار نه صرف پيدا ڪيا، جن سان سندس موت جو پيغام ڪٽي اچن پيا، پر هن انهن ماڻهن کي پڻ پيدا ڪيو آهي، جيڪي اهي هٿيار هلائيندا، يعني صنعتي مزدور (پرولتاري)، جديد مزدور طبقو جنهن نسبت سان سرمائيدار طبقي يعني سرمائي جي ترقي ٿيندي آهي، انهي نسبت سان صنعتي مزدورن يعني جديد مزدور طبقو ترقي ڪري ٿو، جيڪو ان وقت تائين زندهه رهي سگهي ٿو، جيستائين ان کي ڪم ملندو رهي ۽ ڪم ان وقت تائين ملندو آهي، جيستائين هن جي محنت سرمائي کي وڌائي ٿي. اهي مزدور جن کي پنهنجو پاڻ کي اڪيلي اڪيلي طور تي وڪڻو پوي ٿو، واپار جي ۽ سپني شين جيان هڪ مثاسنا واري جنس آهن. تنهن ڪري اهي به مقابلي جي سموري هيرڦير ۽ منڊي جي سموري لاهي چاڙهي جي رحم و ڪرم تي آهن.

مشين جي وسيع استعمال ۽ محنت جي ورهاست جي ڪري مزدورن جو ڪم پنهنجي سموري انفرادي خاصيت وڃائي چڪو آهي ۽ انهي ڪري ئي مزدورن جي لاءِ ان کي هاٿي ، صرف اهوئي (مشين سڪڻ وارو) ڍنگ چاٽڻ گهرجي، جيڪو نهايت سڌو سولو، نهايت بيزار ڪندڙ ۽ نهايت سولائيءَ سان اچڻ واري شيءِ آهي، جيئن ته مزدور تي لاڳت تقريبن سموري انهيءَ زندگي جي وسيلن تائين محدود آهي، جيڪي ان جي پنهنجي گذاري ۽ نسل جي واڌ لاءِ ضروري آهن، پرڪنهن جنس جي قيمت ۽ ان جي لاءِ محنت جي قيمت (1) به ان جي پيداوار جي لاڳت جي برابر آهي. ان ڪري ڪم جيترو وڌيڪ ڏکيو ٿيندو ويندو آهي، ان جي نسبت سان اجوري ۾ گهٽتائي ٿيندي ويندي آهي. رڳو اهو نه، پر جنهن نسبت سان مشينن جو استعمال ۽ محنت جي ورهاست ٿي. انهي نسبت سان مشقت جو بار وڌي ٿو، چاهي اهو ڪمن جي ڪلاڪ وڌڻ سان هجي، مقرر وقت ۾ گهڻو ڪم وٺڻ جي ڪري هجي يا مشين جي رفتار تيز ٿي وڃڻ سان.

جديد صنعت، هنرمندن جي ننڍي ڪارخاني کي صنعتي سرمائيدار جي وڏي فيڪٽري ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. مزدورن جي وڏي تعداد کي فيڪٽري ۾ گڏ ڪري، فوجي سپاهين جيان، انهن جي تنظيم سازي ڪئي آهي. آفيسرن ۽ حوالدارن جو هڪ سڄو سلسلو آهي. جن جي اڳواڻي ۾ انهن کي صنعتي فوج جي عام سپاهين وانگر رکيو ويو آهي. اهي صرف سرمائيدار طبقي ۽ سرمائيدار رياست جا غلام نه آهن، پر اهي هر ڏينهن ۽ هر گهڙي مشين جي ”نگران وانگر“ ۽ سڀ ڪان وڌيڪ انفرادي طور تي ڪارخاني جي مالڪ، سرمائيدار جي غلامي ڪن ٿا. هي ظالماڻو نظام جهڙي طرح ڪليل نموني نفع خوري کي پنهنجو مقصد ۽ ايمان بڻائي ٿو، اهڙي طرح ذليل، نفرت لائق ۽ سخت گير ٿيندو ويندو آهي.

جسماني محنت ۾ مهارت ۽ طاقت کپائڻ جي ضرورت جيتري گهٽ ٿيندي ويندي آهي، يعني ٻين لفظن ۾ جديد صنعت، جيتري گهڻي ترقي ڪندي آهي، ساڳي طرح عورتن ۽ ٻارن جو ڪم مردن جي جاءِ والاري ٿو. مزدور طبقي لاءِ عمر ۽ جنس جي بنياد تي فرق قائم رکڻ جو هاڻي ڪو سماجي جواز باقي نه رهيو آهي. سڀئي محنت جا ڪل پرزا آهن، جن جي قيمت ان جي عمر ۽ جن٘س جي لحاظ کان وڌبي گهٽبي رهندي آهي.

جيئن ته ڪارخانيدار جي هٿان مزدور جو استحصال ڪجهه دير جي لاءِ رڪجي وڃي ٿو ۽ ان کي پنهنجي اجوري جا پئسا ملن ٿا، اهڙي ئي طرح سرمائيدار طبقي جا ٻيا حصا مالڪ مڪان، دڪاندار، شاهوڪار وغيره ان کي گهيريو وٺن.

وچولي طبقي جا هيٺيان حصا، ننڍا ڪارخانيدار، ننڍا واپاري ۽ عام طور ڪاروبار ڇڏي ويل تاجر، هنرمند ۽ هاري، اهي سڀئي ڌهندي، ڪرندي مزدور طبقي سان وڃي ملن ٿا. ڪي ته انهي جي ڪري جو جنهن پئماني تي جديد صنعت هلائي ويندي آهي، ان جي لاءِ ان جو ٿورڙو سرمايو پورو نٿو پوي ۽ وڏي سرمائيدارن جي مقابلي ۾ ان جي ٻيڙي ٻڏيو وڃي ۽ ڪجهه ان جي ڪري ته ان جو خاص هنر، هاڻي پيداوار جي نون طريقن جي ڪري ڪنهن به ڪم جو نٿو رهي. اهڙي طرح آبادي جي هر طبقي مان ماڻهو ڀرتي ٿي مزدور طبقي ۾ ايندا رهن ٿا.

مزدور طبقو ، واڌ ويجهه جي ڪيترين ئي منزلن مان گذري ٿو. پيدا ٿيڻ سان ئي سرمائيدار طبقي سان ان جي جدوجهد شروع ٿئي ٿي. شروع شروع ۾ ڪنهن هڪ سرمائيدار خلاف، جيڪو سنئون سڌو ان جو استحصال ڪري ٿو، پهرين ٿورا گهڻا مزدور مقابلي ۾ لهن ٿا، پوءِ هڪ فيڪٽري ۾ ڪم ڪرڻ وارا ۽ ان ڪانپوءِ هڪ علائقي ۾ هڪ پوري صنعت جا مزدور، پر انهن جي حملي جو رخ صرف سرمائيداراڻي پيداوار جي تعلقاتن جي خلاف نه، بلڪه خود پيداوار جي اوزارن جي خلاف هوندو آهي. هو ٻاهر کان آيل جنسن کي جيڪا ان جي محنت سان مقابلو ڪري ٿي، برباد ڪرڻ لڳن ٿا. اهي مشينن کي ڀڃيو ڇڏين. ڪارخانن ۾ باهه لڳايو ڇڏين ۽ وچين دور جي ڪاريگرن جي وڃايل رتبي کي زبردستي موٽائڻ چاهين ٿا.

ان وقت مزدور وڪريل ميڙ جي حالت ۾ سڄي ملڪ ۾ پکڙيل هوندا آهن. پاڻ ۾ مقابلي سان انهن جو اتحاد منتشر رهي ٿو. جيڪڏهن ڪٿي ڪٿي اهي پاڻ ۾ ملي وڌيڪ گڏيل تنظيم جوڙين ٿا، ته اها پڻ اڃا تائين انهن جي پنهنجي عملي اتحاد جو نتيجو نه آهي، بلڪه سرمائيدار طبقي جي اتحاد جو نتيجو آهي. هي طبقو (سرمائيدار) خود پنهنجو سياسي مقصد پورو ڪرڻ لاءِ مجبور هوندو آهي، ته سڄي مزدور طبقي کي حرڪت ۾ آڻي ۽ ان ۾ ان وقت تائين
ائين ڪرڻ جي طاقت هوندي آهي. ان ڪري هن مرحلي تي مزدور طبقو پنهنجي دشمنن سان نه، پر پنهنجي دشمنن جي دشمن سان آپيشاهي بادشاهت جي پڇيل ڪڇيل نشانين سان زميندارن سان غير صنعتي سرمائيدار ۽ وچولي طبقي (پيٽي بورجوا) سان وڙهندو آهي. مطلب ته تاريخ جي سڄي حرڪت جي واڳ سرمائيدار طبقي جي هٿن ۾ هوندي آهي ۽ انهن حالتن ۾ جيڪا فتح حاصل ٿيندي آهي، اها سرمائيدار طبقي جي سوڀ هوندي آهي.

پر صنعت جي ترقي سان گڏ مزدور طبقو صرف تعداد ۾ ئي نه وڌيو، بلڪه اهو گهڻي کان گهڻي تعداد ۾ هڪ هنڌ گڏجڻ لڳي ٿو، ان جي طاقت وڌي ٿي ۽ ان کي روزبروز پنهنجي طاقت جو احساس ٿيڻ لڳندو آهي. جيئن جيئن مشين محنت جي سموري فرق کي مٽائيندي وڃي ٿي ۽ تقريبن هر هنڌ اجوري کي هڪڙي ئي هيٺين سطح تي ڪٽي ٿي اچي، انهن نسبت سان مزدور طبقي جي صفن جي اندر مختلف مفاد ۽ زندگي جي مختلف حالتن ۾ يڪسانيت پيدا ٿئي ٿي. سرمائيدار طبقي ۾ وڌندڙ مقابلو ۽ ان جي بدولت واپاري بحران، مزدورن جي اجوري ۾ روزبروز گهٽ وڌائي پيدا ڪندا رهندا آهن. مشينن ۾ نوان نوان سڌارا ۽ ان جي تيز کان تيز ترقي جي ڪري مزدورن جي روزي ڏينهون ڏينهن ٻن طبقن جي ٽڪر جي صورت اختيار ڪندا وڃن ٿا ۽ تڏهن ئي سرمائيداري جي خلاف مزدور پنهنجون تنظيمون ٺاهڻ لڳندا آهن. اجوري جي شرح کي قائم رکڻ جي لاءِ اهي پاڻ ۾ ملي ويندا آهن. پنهنجي

عارضي بغاوتن جي لاءِ اڳي کان بندوبست ڪرڻ جي مطلب سان اهي مستقل تنظيمون قائم ڪندا آهن. ڪٿي ڪٿي هي ٽڪراءُ ڪلي بغاوت جي صورت اختيار ڪري ويندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن مزدورن جي فتح ٿيندي آهي، پر عارضي، انهن جي جدوجهد جو اصلي ميوو فوري ڪاميابين ۾ نه، بلڪه مزدورن جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ اتحاد ۾ آهي. هن اتحاد کي آمدرفت جي

(1) بعد ۾ مارڪس ٻڌايو، ته مزدور پنهنجي محنت نه، پر محنت جي طاقت وڪرو ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ مارڪس جي ڪتاب ''اجرتي محنت ۽ سرمايو'' تي اينگلس جو مقدمو پڙهو.

انهن ترقي يافته وسيلن سان وڏي مدد ملندي آهي. جنهن کي جديد صنعت جنم ڏنو آهي ۽ جن جي مدد سان مختلف هنڌن جي مزدورن ۾ رابطو پيدا ٿيندو آهي ۽ اهو ئي رابطو آهي جنهن جي سبب کان وڏيڪ ضرورت هئي، ته جيئن سمورين مقامي جدوجهدن، جن جي نوعيت سيني هنڌن تي هڪجهڙي آهي. هڪ مرڪز تي آڻي سگهجي ۽ انهي کي قومي پيماني تي طبقاتي جدوجهد جي صورت ڏيئي سگهجي، پر هر طبقاتي جدوجهد، هڪ سياسي جدوجهد آهي ۽ اهو اتحاد، جنهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ وچين دور جي شهرين کي پنهنجي ڪمزور آمدرفت جي وسيلن جي ڪري صديون گهربل هيون. جديد مزدور طبقي ريلوي جي برڪت سان چند سالن ۾ قائم ڪري ورتو آهي.

هڪ طبقي جي صورت ۾ ۽ ان جي نتيجي جي طور تي هڪ سياسي پارٽي ۾ مزدور طبقي جي هي تنظيم خود مزدورن جي پاڻ ۾ مقابلي جي ڪري لڳاتار بدلجندي رهندي آهي. پر هر پيري اها (تنظيم) اڳي کان وڌيڪ مضبوط، وڌيڪ پائيدار ۽ وڌيڪ طاقتور بڻجي اڀيان ايندي آهي ۽ خود سرمائيدار طبقي جي اندر تسليم ڪرائي وٺندي آهي. جيئن انگليڊ جي ڏهن ڪلاڪن جي ڪم جو قانون، ساڳي طرح منظور ٿيو هو. ثورن لفظن ۾ پراڻي سماج جي طبقن جا پاڻ ۾ ٽڪراءَ مزدور طبقي جي واڌ ويجهه ۾ ڪيترن ئي طريقن سان مددگار ٿيندا آهن. سرمائيدار طبقو پنهنجو پاڻ کي مسلسل جدوجهد ۾ ڏسي ٿو. شروع ۾ امير طبقي جي خلاف، پوءِ سرمائيدار طبقي جي انهن حصن جي خلاف، جن جا مفاد صنعت جي ترقي سان ٽڪرائڻ لڳن ٿا ۽ سموري پرڏيهي سرمائيداري جي خلاف ته هر زماني ۾ رهيا آهن. هنن سمورين لڙاين ۾ هو مجبور هوندو آهي ته اهو مزدور طبقي کي اپيل ڪري ان کان مدد گهري ۽ اهڙي طرح انهن کي سياست جي ميدان ۾ ڇڪي آڻي. مطلب ته سرمائيدار طبقو، مزدور طبقي کي پنهنجي سياسي ۽ عام تعليم جي دولت سان مسلح ڪندو آهي، ٻين لفظن ۾ اهو (سرمائيدار) خود مزدور طبقي (پرولتاري) جي هٿن ۾ سرمائيدار طبقي (بورجوا) سان وڙهڻ لاءِ هٿيار ڏئي ٿو.

وري اسان اهو به ڏسي چڪا آهيون ته صنعت جي ترقي سان حڪمران طبقي جا ڪجهه سڄي جا سڄا گروهه تباهه ٿي، مزدور طبقي سان اچي ملن ٿا. يا گهٽ ۾ گهٽ انهن جي زندگي جي حالتن جي تباهه ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي وڃي ٿو. ان سان به مزدور طبقي کي روشن خيالي ۽ ترقي جا نوان بنياد ملندا آهن. نيٺ جڏهن طبقاتي جدوجهد جو فيصلائتو وقت ويجهو اچي ٿو، ته حڪمران طبقي جي اندر ۾ دراصل پوري پراڻي سماج جي اندر انتشار جو هي سلسلو ايترو شديد ۽ نمايان صورت اختيار ڪريو وٺي جو حڪمران طبقي جو هڪ مختصر گروهه ان کان ٽٽي الڳ ٿي وڃي ٿو ۽ اچي انقلابي طبقي سان ملي ٿو، ان طبقي ۾ جنهن جي هٿن ۾ مستقبل جي واڳ آهي. جهڙي ريت ان کان اڳ واري دور ۾ امير طبقي جو هڪ حصو سرمائيدار طبقي سان اچي مليو هئو. ساڳي طرح اڄ سرمائيدار طبقي جو هڪ حصو مزدور طبقي (پرولتاري) جو ساٿي بڻجي ٿو ۽ خاص ڪري سرمائيدار دانشورن جو اهو حصو، جيڪو ان بلنديءَ تي پهچي ويو آهي ته بحيثيت مجموعي سڄي تاريخي ارتقا کي نظرياتي طور تي سمجهي سگهي.

سرمائيدار طبقي جي اڳيان هن وقت جيترا طبقا بيٺل آهن، انهن سيني منجهان هڪڙو مزدور طبقو (پرولتاري) ئي حقيقت ۾ انقلابي آهي. ٻيا طبقا جديد صفت جي مقابلي ۾ زوال پذير ۽ آخرڪار ختم ٿي رهيا آهن، صنعتي مزدور (پرولتاري) ان جي خاص ۽ لازمي پيداوار آهي.

وچولي پرت: ننڍا ڪارخانيدار، دڪاندار، ڪاريگر، آبادگار، سيئي سرمائيدار طبقي سان وڙهندا رهيا آهن ته جيئن وچولي پرت جي حيثيت سان پنهنجي وجود کي مٽجڻ کان بچائين. انهي ڪري اهي انقلابي نه، پر قدامت پرست آهن، ايترو ئي نه، پر اهي رجعت پرست به آهن، ڇو ته اهي تاريخي

ذارا کي ابتو وهائڻ گهرندا آهن. جيڪڏهن ڪجهه مرحلن ۾ اهي انقلابي بڻجن ٿا، ته اهي رڳو اهوئي ڏسي ته انهن جي لاءِ صنعتي مزدورن (پرولتاري) سان ملڻ جي گهڙي ويجهو اچي پهتي آهي ته هو پنهنجي حال لاءِ نه، پر پنهنجي مستقبل جي مفاد جي حفاظت ڪن ٿا، ان سان صنعتي مزدورن (پرولتاري) جي نقطه نظر تي پهچڻ جي لاءِ خود پنهنجي نقطه نظر تان هٿ ڪٽي ويندا آهن.

ٿي سگهي ٿو، ته اها رولو پرولتاري، (1) ان پئي پئي سڙڻ واري پيداوار جنهن کي پراڻي سماج جون سڀ کان هيٺيون پرتون ڇڏي ويون آهن، ڪٿي ڪٿي مزدور انقلاب جي تحريڪ جي وهڪري ۾ اچيو وڃي، پر انهن جي زندگي جون حالتون اهڙيون آهن، جو ان ۾ رجعت پرستن جي سازشن ۾ ڪرايي جو دلال بڻجڻ جو رجحان وڌيڪ هوندو آهي.

صنعتي مزدور جي زندگي جي حالتن ۾ پراڻي سماج جي زندگي جون حالتون ختم ٿيو وڃن. صنعتي مزدورن (پرولتاري) جي ڪابه ملڪيت نه آهي. پنهنجي زال ٻارن سان ان جي تعلقاتن ۾ ۽ سرمائيداراڻي خانگي زندگي ۾ هاڻ ڪائي شيءِ مشترڪ نٿي رهي. جديد صنعتي محنت، سرمائي جي جديد غلامي، جيڪا انگلينڊ ۾ فرانس ۾، آمريڪا ۾ جرمني ۾ هر هنڌ ساڳي آهي. ان ڪان قومي ڪردار جي هر نشاني ڪسي ورتي آهي. قانون، اخلاق، مذهب، سڀئي ان جي لاءِ سرمائيدار طبقي جي ڍال ڪانسواءِ وڌيڪ ڪجهه به نه آهي، جن منجهان هر هڪ جي پويان سرمائيداراڻا مفاد تاڙيو ببٺا آهن.

ماضي جي تمام طبقن، جڏهن به غلبو حاصل ڪيو، ته انهن پنهنجي حاصل ڪيل رتبي کي پائيدار بڻائڻ لاءِ سڄي سماج کي پنهنجي نظام جي ماتحت ڪرڻ ٿي گهريو. صنعتي مزدور جيستائين خود پنهنجي اڳوڻي واهپي جي طريقي کي منسوخ نه ڪري ڇڏي، سماج جي پيداواري قوتن جو مالڪ بڻجي نٿو سگهي، هن جو پنهنجو ڪجهه نه آهي، جنهن کي قائم رکڻو هجي ۽ جنهن جي حفاظت ڪرڻ

(1) سرمائيداراڻي سماج ۾ طبقن کان ٽٽل تهه، جيڪي پيداوار عملن مان ڪڍيل ماڻهن (فقيرن، آواره گردن، رنڊين ۽ ڏوهارين وغيره) تي مشتمل هوندي هئي.

هجي. هن جي ذميواري ذاتي ملڪيت جي سمورن اڳوڻين حفاظتن ۽ ضمانتن کي ختم ڪرڻي آهي.

ماضي جون سڀئي تاريخي تحريڪون، ٿورڙن ماڻهن جون تحريڪون هيون يا اقليتن جي حق ۾ هيون. مزدور تحريڪ تمام وڏي اڪثريت جي حق ۾، تماد وڏي اڪثريت جي مفادن جي لاءِ آزاد تحريڪ آهي. صنعتي مزدور (پرولتاري) موجوده سماج ۾ سڀ کان هيٺين درجي تي آهي ۽ جيستائين هلندڙ سماج ۾ مٿين پرت جي سموري طاقت کي ختم نه ڪيو وڃي، اها نه ته چري سگهي ٿي ۽ نه ئي مٿي اٿي سگهي ٿي.

سرمائيدار طبقي جي خلاف صنعتي مزدورن جي جدوجهد معنيٰ جي لحاظ سان ته نه، پر پنهنجي صورت ۾ شروع شروع ۾ هڪ قومي جدوجهد هوندي آهي. ظاهر آهي ته هر ملڪ جي صنعتي مزدورن (پرولتاريه) کي سڀ کان اڳ ۾ پنهنجي ئي سرمائيدار طبقي سان نبيرو ڪرڻو پوي ٿو.

صنعتي مزدورن جي واڌ ويجهه جا بلڪل عام درجا بيان ڪندي، اسان گهرو ويڙهه جو خاڪو ڪڍيو هئو، جيڪو موجوده سماج ۾ ڪنهن قدر خفيه طور تي زور شور سان جاري آهي. ايستائين جو هڪ منزل اهڙي اچي ٿي، جڏهن هي جنگ واضح طور انقلاب جي صورت اختيار ڪري وڃي ٿي ۽ سرمائيدار طبقي جو تختو زبردستي اونڌو ڪري صنعتي مزدورن (پرولتاري) جي اقتدار جي بنياد رکي ويندي آهي.

اسان ڏٺو ته اڄ تائين هر سماج جي بنياد ظالم ۽ مظلوم طبقن جي ٽڪراءَ تي رهي آهي پر ڪنهن به طبقي تي ظلم ڪرڻ جي لاءِ به اهڙيون حالتون مهيا ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي، جن ۾ طبقو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي غلاماڻي زندگي کي برقرار رکي سگهي. زرعي غلام جي زماني ۾ غلام هاري وڌندو وڌندو ڪميون جو ميمبر بڻيو. ٺيڪ ساڳي طرح جيئن وچولي طبقي (پيٽي بورجووا) جو ماڻهو جاگيرداراڻي آپيشاهي جي غلامي هيٺ ترقي ڪري سرمائيدار (بورجوا) بڻجي ويو. ان جي ابتڙ جديد مزدور صنعت جي واڌ سان مٿي ٿيڻ بجاءِ پنهنجي طبقي جي به موجوده زندگي جي معيار ڪان به هيٺ ڪرندو پيو وڃي. هو ڏينهون ڏينهن ڪنگلو ٿيندو وڃي ٿو ۽ آبادي ۽ دولت پنهي ڪان ڪنگالپڻو وڌيڪ رفتار سان وڌي ٿو. ان سان هي حقيقت واضح ٿئي ٿي ته سرمائيدار طبقو هاڻي ان جي قابل نه رهيو

آهي ته سماج تي حڪمراني ڪري سگهي ۽ پنهنجي طبقي جي زندگي جي حالتن ڪي همگير قانون جو درجو ڏيئي پوري سماج تي لاڳو ڪري سگهي. اهو حڪومت ڪرڻ جي اهل نه رهيو آهي، ڇو ته اهو پنهنجن غلامن ڪي پنهنجي غلامي ۾ به زندگي جي ضمانت نٿو ڏيئي سگهي، ڇو ته اهو انهن ڪي ايترو هيٺ ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهي جو بجاءِ خود ان کان روزي حاصل ڪرڻ جي ڪيس خود انهن ڪي ماني ڏيڻي پوي ٿي. سماج هاڻي ان سرمائيدار طبقي جي ماتحت نٿو رهي سگهي. ٻين لفظن ۾ هاڻي ان جي وجود ڪي سماج سان ڪائي هڪجهڙائي ناهي رهي.

سرمائيدار طبقي جي وجود ۽ اقتدار جو لازمي شرط هي آهي ته سرمايو لاڳيتو ٺهندو ۽ وڌندو رهي. سرمائي جي وجود جي لاءِ اجوري واري محنت شرط آهي. اجوري واري محنت خاص ڪري سمورن مزدورن جي پاڻ ۾ مقابلي تي ٻڌل آهي. صنعت جي ترقي سان جنهن ڪي سرمائيدار طبقي جي هٺان بغير ارادي جي فروغ ملندو آهي، مزدورن جي هڪٻئي سان عليحدگي ختم ٿيندي آهي، جيڪا گڏيل مقابلي جو نتيجو هئي ۽ ان جي بجاءِ گڏ ڪم ڪرڻ جي ڪري انهن ۾ انقلابي اتحاد پيدا ٿيڻ لڳندو آهي. مطلب ته جديد صنعت جي ترقي سان اهو بنياد ئي ختم ٿي وڃي ٿو، جنهن تي سرمائيدار طبقو مال پيدا ڪري ۽ ان ڪي استعمال ۾ آڻي ٿو. تنهن ڪري سرمائيدار طبقي سڀ کان وڌيڪ، ن ڪي پيدا ڪيو، اهي ان جي پنهنجي قبر کوٽڻ وارا آهن. ان جو زوال ۽ صنعتي مزدورن (پرولتاريه) جي فتح يقيني آهي.

## باب ٻيو

## صنعتي مزدور ۽ ڪميونسٽ

بحيثيت مجموعي صنعتي مزدور سان ڪميونسٽن جو ڪهڙو تعلق آهي؟ ڪميونسٽ، مزدور طبقي جي ٻين پارٽين جي خلاف ڪا الڳ پارٽي نٿا جوڙين.

بحيثيت مجموعي صنعتي مزدور طبقي جي مفاد ڪانسواءِ ۽ ان ڪان الڳ انهن جو ڪو به مفاد نه آهي.

اهي پنهنجا الڳ فرقيوار اصول قائم نٿا ڪن، جنهن سان مزدور تحريڪ کي ڪا خاص شڪل ڏني وڃي ۽ ڪنهن خاص گهاڙيٽي ۾ گهڙجي.

ڪميونسٽن جي برتري مزدور طبقي جي ٻين پارٽين ڪان رڳو اها آهي، ته

(1) مختلف ملڪن جي مزدورن جي قومي جدوجهد ۾ اهي بنا قوميت جي فرق جي سموري مزدور طبقي جي گڏيل مفاد تي زور ڏين ۽ ان کي نمايان پيش ڪندا آهن.

(2) سرمائيدار طبقي جي خلاف مزدور طبقي جي جدوجهد، پنهنجي واڌ ويجهه جي جن مرحلن مان گذري ٿي، انهي ۾ اهي هر هنڌ ۽ هميشه مجموعي حيثيت سان سڄي تحريڪ جي مفاد جي ترجماني ڪندا آهن.

جيئن ته هڪ طرف جيستائين عمل جو تعلق آهي، ڪميونسٽ هر ملڪ جي مزدور پارٽين ۾ سڀ کان اڳيون ۽ ثابت قدم جٿو آهن. اهو جٿو جيڪو هميشه ٻين کي اڳتي وڌائيندو هلندو آهي ۽ ٻئي طرف جيستائين نظريي جو سوال آهي، عام مزدورن تي انهن کي فوقيت اها آهي، ته اهي مزدور تحريڪ جو اڳتي وڌڻ جو رستو ڄاڻن ٿا، ان جي حالتن ۽ آخري عام نتيجن کي چڱي ريت سمجهن ٿا.

ڪميونسٽن جو فوري مقصد اهوئي آهي، جيڪو مزدورن جي سڀني ٻين پارٽين جو، يعني اهو ته مزدورن جو هڪ طبقو ٺهڻ، سرمائيدار طبقي جو غلبو ختم ڪيو وڃي ۽ صنعتي مزدور (پرولتاري) سياسي اقتدار تي قبضو ڪن.

ڪميونسٽن جا نظرياتي نتيجا هرگز ڪنهن اهڙن خيالن يا اصولن تي ٻڌل نه آهن، جن کي ڪنهن عالمگير اصلاح جو خواب ڏسڻ واري اصلاح پسند ڳولي ڪڍيو هجي يا ان جي دماغ جي تخليق هجن.

اهي ته فقط انهن حقيقي تعلقاتن کي عام لفظن ۾ پيش ڪن ٿا، جيڪي موجوده طبقاتي جدوجهد سان پيدا ٿين ٿا، هڪ اهڙي تاريخي تحريڪ سان، جيڪا اسان جي سامهون جاري آهي. ملڪيت جي رائج لاڳاپن کي ختم ڪرڻ، ڪميونزم جي ڪائي انمول صفت نه آهي.

گذريل زماني ۾ تاريخي حالتن جي بدلجڻ تي ملڪيت جي سمورن تعلقاتن ۾ لڳاتار تاريخي ردوبدل ٿيندي رهي آهي.

مثلن فرانس جي انقلاب سرمائيداراڻي ملڪيت جي حق ۾ جاگيرداراڻي ملڪيت کي ختم ڪري ڇڏيو.

ڪميونزم جي انمول صفت عام طور تي ملڪيت کي نه، بلڪه سرمائيداراڻي ملڪيت کي ختم ڪرڻ آهي.

پر جديد سرمائيدار ذاتي مال ملڪيت کي پيدا ڪرڻ ۽ استعمال ۾ آڻڻ جي هن نظام جو آخري ۽ سڀ کان مڪمل اظهار آهي، جيڪو طبقاتي اختلافن ۽ چند ماڻهن جي مٿان اڪثريت جي استحصال تي ٻڌل آهي.

انهي معنيٰ ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته ڪميونسٽن جو نظريو، ٿورن لفظن ۾ ذاتي ملڪيت کي ختم ڪرڻ آهي.

اسان ڪميونسٽن تي الزام آهي ته اسان انسان جي نجي محنت ڪان انفرادي ملڪيت حاصل ڪرڻ جو حق کسي وٺڻ گهرون ٿا، حالانڪه چيو ويندو آهي ته اهائي ملڪيت سموري شخصي آزادي، سرگرمي ۽ خودمختياري جو بنياد آهي.

پگھر جي ڪمائي، پنهنجي هٿن سان پيدا ڪيل ملڪيت! ڇا توهان جي مراد ننڍي ڪاريگر ۽ ننڍي آبادگار جي ملڪيت آهي، جيڪا سرمائيداراڻي ملڪيت کان اڳ واري ملڪيت جي صورت ۾ هئي؟ ان کي ختم ڪرڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي. صنعت جي ترقي گهڻي حد تائين ان کي ختم ڪري چڪي آهي ۽ ڏينهون ڏينهن ختم ڪندي پئي وڃي ۽ يا شايد توهان جي مراد جديد سرمائيدار جي ذاتي ملڪيت سان آهي؟

پر ڇا اجوري واري محنت، مزدور جي محنت، انهي لاءِ ڪائي ملڪيت پيدا ڪئي آهي؟

بلڪل نه، ان سان ته رڳو سرمايو پيدا ٿيندو آهي ۽ هي اها ملڪيت آهي، جيڪا اجوري واري محنت جو استحصال ڪري ٿي ۽ جنهن جي وڌڻ جو شرط هي آهي ته وڌيڪ استحصال لاءِ لڳاتار اجوري واري محنت مهيا ٿيندي رهي. ملڪيت پنهنجي موجوده صورت ۾ سرمائي ۽ اجوري جي محنت جي ٽڪراءَ تي ٻڌل آهي. اچو ته اسان هن ٽڪراءَ جي ٻنهي پهلوئن تي غور ڪريون.

سرمائيدار هجڻ جو مطلب پيداوار ۾ رڳو ذاتي نه، بلڪه سماجي حيثيت جو مالڪ هجڻ آهي. سرمايو اجتماعي پيداوار اهي ۽ گهڻن ماڻهن جي گڏيل ڪوشش سان، بلڪه آخر تائين نظر ڊوڙايون، ته سماج جي سڀني ماڻهن جي گڏيل ڪوشش سان ئي ان کي حرڪت ۾ آڻي سگهجي ٿو.

ان ڪري سرمايو ڪا شخصي نه، پر سماجي طاقت آهي، تنهنڪري سرمائي کي جڏهن گڏيل ملڪيت يعني سماج جي سمورن ميمبرن جي ملڪيت بڻايو ويندو آهي، ته ان سان انفرادي ملڪيت، سماجي ملڪيت ۾ نٿي بدلجي، رڳو ملڪيت جي سماجي حيثيت بدلجي وڃي ٿي ۽ ان جي طبقاتي حيثيت ختم ٿي وڃي ٿي.

هاڻي اچو ته اجوري واري محنت تي نظر وجهون.

اجوري واري محنت جي سراسري قيمت گهٽ ۾ گهٽ اجورو ئي آهي ۽ ان ۾ گذاري جو رڳو ايترو ئي مقدار شامل آهي، جيڪو مزدور کي مزدور بڻائي ڪنهن طرح زنده رکڻ جي لاءِ انتهائي ضروري آهي. تنهنڪري اجوري تي ڪم ڪرڻ وارو مزدور پنهنجي محنت جي ذريعي جيڪو ڪجهه استعمال ۾ آڻي ٿو، اهو فقط ان کي زنده رکڻ جي لاءِ ڪافي هوندو آهي، اسان جي اها مرضي هرگز نه آهي، ته محنت جي پيداوار کي ذاتي استعمال ۾ آڻڻ جو هي سلسلو بند ڪري ڇڏيون. هن واهپي جو مقصد زندگي کي قائم رکڻ آهي ۽ ان ۾ وڌيڪ ڪجهه بچي ئي نٿو، جنهن جي طاقت تي ٻين جي محنت ڪنٽرول ۾ آڻي سگهجي. رڳو استعمال جي هن خراب حالت کي ختم ڪرڻ چاهيون ٿا، جنهن تحت فقط سرمائي کي وڌائڻ لاءِ مزدور زنده رهي ٿو ۽ ان کي ان وقت تائين زنده رکيو وڃي ٿو، جيستائين حڪمران طبقي جي مفاد کي ان جي گهرج هوندي آهي.

سرمائيداراڻي سماج ۾ زنده محنت رڳو گڏ ڪيل محنت کي وڌائڻ جو هڪ ذريعو آهي. ڪميونسٽ سماج ۾ گڏ ڪيل محنت، هڪ ذريعو هوندي، جنهن سان مزدور جي زندگي ۾ نيون وسعتون پيدا ڪيون وينديون، ان کي وڌيڪ خوشحال بڻايو ويندو ۽ ترقي ڏني ويندي.

ٿورن لفظن ۾ اهو ته سرمائيداراڻي سماج ۾ حال تي ماضي حاوي آهي. ڪميونسٽ سماج ۾ ماضي تي حال حاوي هوندو. سرمائيداراڻي سماج ۾ سرمايو آزاد آهي ۽ ان جو پنهنجو انفرادي وجود آهي. هتي زنده انسان محڪوم (غلام) آهي، ان جو ڪوئي وجود ڪونه آهي.

۽ انهي صورتحال جو ختم ٿيڻ سرمائيدار طبقي جي ٻولي ۾ انفراديت ۽ آزادي جي ختم ٿيڻ آهي! ۽ اها ڳالهه ٺيڪ آهي. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اسان جو مقصد

سرمائيداراڻي انفراديت، سرمائيداراڻي خودمختياري ۽ سرمائيداراڻي آزادي کي ختم ڪرڻ آهي.

پيداوار جي موجوده سرمائيداراڻي حالتن ۾ آزادي جو مطلب، واپار جي آزادي، وڪڻڻ ۽ وٺڻ جي آزادي آهي.

پر جيڪڏهن شين جو وڪرو ۽ خريد ڪرڻ نه رهي ته وڪري ۽ خريد ڪرڻ جي آزادي به ڪانه رهندي. وڪري ۽ خريد جي آزادي جون اهي ڳالهيون ۽ عام طور تي آزادي جي باري ۾ اسان جي سرمائيدار طبقي جا هي سڀئي ”وڏا وڏا ٻول“ جيڪڏهن ڪا معنيٰ رکن ٿا، ته رڳو پابند وڪري ۽ خريد، وچين دور جي مظلوم واپارين جي مقابلي ۾، پر ڪميونزم جي مقابل ۾ جڏهن ته وڪرو، خريد ۽ واپار ختم ٿي ويندو. پيداوار جا سرمائيداراڻا لاڳاپا ۽ خود سرمائيدار طبقو مٽجي ويندو، اهي ڳالهيون ان جي لاءِ ڪا معنيٰ نٿيون رکن.

توهان بدحواس آهيو ته اسان ذاتي ملڪيت ڪي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو شان آهيون پر توهان جي موجوده سماج ۾ ڏهن مان نون ماڻهن جي لاءِ ذاتي ملڪيت اڳ ئي ختم ٿي چڪي آهي ۽ ٿورڙن ماڻهن جي لاءِ انهي جي ڪري رهجي ويئي آهي جو ڏهن مان نو، ان ڪان محروم آهن. توهان جي الزام جو مطلب هي آهي ته اسين ملڪيت جي اها صورت ختم ڪرڻ چاهيون ٿا، جنهن ڪي قائم رکڻ جو ضروري شرط اهو آهي ته سماج جي تمام وڏي اڪثريت وٽ ڪابه ملڪيت نه هجي.

ٿورڙن لفظن ۾ اهو ته توهان ڪي شڪايت آهي ته اسان توهان جي ملڪيت ختم ڪري ڇڏڻ گهرون ٿا درست آهي، اسان جو بلڪل اهوئي ارادو آهي.

جنهن ڏينهن ڪان محنت ڪي سرمائي، زر يا ڀل ۾ نه بدلائي سگهبو، ان ڪي اهڙي سماجي قوت جي شڪل نه ڏيئي سگهبي، جنهن ڪي ڪو پنهنجي هڪ هٿي بڻائي سگهي، يعني جڏهن ڪان انفرادي ملڪيت، سرمائيداراڻي ملڪيت ۾ تبديل نه ٿي سگهندي، ان ڏينهن ڪان توهان جو خيال آهي ته انفراديت ختم ٿي ويندي.

پوءِ ته توهان ڪي اهو به مڃڻو پوندو ته ”فرد“ مان توهان جو مطلب هر شخص ڪونه آهي، رڳو سرمائيدار آهي. وچولي طبقي جو جائداد وارو شخص ۽ بيشڪ ان شخص ڪي ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي.

سماج جي پيداوار ڪي پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ جي حق ڪان ڪميونزم ڪنهن انسان ڪي محروم نٿو ڪري. اهو ته انسان ڪي رڳو ان اختيار ڪان محروم ڪرڻ چاهي ٿو، جنهن جي آڌار تي اهو ان استعمال جي ذريعي ٻين جي محنت ڪي پنهنجو غلام بڻائي ٿو.

اهو اعتراض ڪيو وڃي ٿو، ته ذاتي ملڪيت جي خاتمي سان سمورا ڪم ڪار بند ٿي ويندا ۽ هر ماڻهو ڪاهل ۽ سست ٿي ويندو.

ان لحاظ ڪان ته سرمائيداراڻي سماج ڪي رڳو ڪاهلي جي مٿان، اڄ ڪان گهڻو عرصو اڳ ئي فنا ٿي وڃڻ ڪپندو هئو، ڇو ته هن سماج ۾ جيڪي ماڻهو ڪم ڪن ٿا، انهن ڪي ڪجهه نٿو ملي ۽ جن ڪي ملي ٿو، سي ڪم ڪونه ٿا ڪن. اهو اعتراض هن ڳالهه ڪي ٻين لفظن ۾ ورجائي ٿو. ته سرمايو نه رهندو ته اجوري واري محنت پڻ نه رهندي.

مادي پيداوار جي پيدائش ۽ ڪپت جي ڪميونسٽ طريقي جي خلاف هي سمورا اعتراض ساڳئي طرح سان ذهني پيداوار جي پيدائش ۽ ڪپت جي ڪميونسٽ طريقي جي خلاف پيش ڪيا ويا آهن. سرمائيدار جي نظر ۾ جهڙي طرح طبقاتي ملڪيت جو ختم ٿيڻ شروع ڪان ئي پيداوار جو ختم ٿيڻ آهي، ساڳي طرح طبقاتي تهذيب جو ختم ٿيڻ ان جي خيال ۾ سموري تهذيب جو ختم ٿيڻ آهي.

اها تهذيب جنهن جي ختم ٿيڻ سان اهي ڳوڙها ڳاڙين ٿا، سا انسان جي تمام وڏي اڪثريت ڪي رڳو مشين وانگر حرڪت ڪرڻ سيکاري ٿي.

سرمائيداراڻي ملڪيت کي ختم ڪرڻ جي اسان جي تجويز کي جيڪڏهن توهان آزادي، تهذيب، قانون وغيره جي سرمائيداراڻن تصورن جي ڪسوٽي تي پرکڻ چاهيو ٿا ته اسان سان بحث ۾ الجهڻ جي ضرورت نه آهي. توهان جي خيال بجاءِ خود سرمائيداراڻي پيداوار ۽ سرمائيداراڻي ملڪيت جي تعلقاتن جو نتيجو آهن. ساڳي طرح جيئن توهان جو قانون جو فلسفو ان ڪانسواءِ ڪجهه ڪونه آهي ته توهان جي طبقي جي مرضي کي سڀني لاءِ قانون بڻايو ويو آهي ۽ اها مرضي اهڙي آهي، جنهن جي اصل نوعيت ۽ جوڙجڪ توهان جي طبقي جي زندگي جي اقتصادي حالتن مان مقرر ٿي آهي.

اها خود غرض غلط خيالي، جيڪا توهان کي ترغيب ڏيئي ٿي ته توهان پنهنجي پيداواري تعلقاتن ۽ ملڪيتن جي رشتن کي جيڪي تاريخي آهن ۽ پيداوار جي ترقي سان گڏ بدلبا رهندا آهن. قدرت ۽ عقل جي ابدي قانونن ۾ گهڙيل هي اهڙي غلط خيالي آهي، جنهن ۾ توهان به اڳين سڀني حڪمرانن ۽ فنا ٿي ويل طبقن وانگر مبتلا آهيو. قديم ملڪيت جي سلسلي ۾ توهان جيڪو صاف ڏسو ٿا، جاگيرداراڻي ملڪيت جي باري ۾ توهان جنهن ڳالهه کي مڃو ٿا، اهي ئي ڳالهيون توهان پنهنجي ملڪيت جي انهي سرمائيداراڻي صورت جي باري ۾ مڃڻ کان لاچار آهيو.

خاندان جو نالو نشان ختم ڪري ڇڏجي! وڏن کان وڏا انتهاپسند به ڪميونسٽن جي هن شرمناڪ تجويز تي تپي باهه ٿيو وڃن.

موجوده زماني جو خاندان، سرمائيدار خاندان آخر ڪهڙي بنياد تي قائم آهي؟ سرمائي تي، ذاتي منافعي تي. پنهنجي انتهائي مڪمل صورت ۾ اهو خاندان صرف سرمائيدار طبقي ۾ ملي ٿو، پر هن تصور جو ٻيو رخ اهو آهي ته هڪ طرف مزدور بغير خاندان جي رهڻ تي مجبور آهن ۽ سر بازار عصمت فروشي ٿئي ٿي.

سرمائيداراڻي خاندان جو هي پهلو جڏهن نه رهندو ته اهو خاندان پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويندو ۽ سرمائي جي ختم ٿيندي ئي ٻئي ختم ٿي ويندا.

ڇا توهان جو الزام آهي ته اسان ماءُ پيءُ کي پنهنجي ٻارن جي استحصال کان روڪڻ ٿا چاهيون؟ اسان پنهنجو اهو ڏوهه تسليم ڪريون ٿا.

پر توهان چوندا ته اسان سڀني احترام جوڳن رشتن کي برباد ڪرڻ جي پٺيان آهيون، ڇو ته اسان گهريلو تعليم جي جاءِ تي سماجي تعليم جاري ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ توهان جي تعليم؟ ڇا اها پڻ سماجي نه آهي؟ ڇا اها پڻ انهن سماجي حالتن سان مقرر نٿي ٿئي، جن ۾ توهان اها تعليم ڏيو ٿا؟ ڇا ان ۾ به اسڪول وغيره جي ذريعي سماج جي سڌي يا اڻ سڌي هٿ چراند نٿي ٿئي؟ تعليم ۾ سماج جي مداخلت ڪميونسٽن ايجاد ناهي ڪئي. اهي رڳو ان مداخلت جي نوعيت کي بدلڻ ۽ تعليم کي حڪمران طبقي جي اثر کان آزاد ڪرائڻ چاهين ٿا.

خاندان ۽ تعليم جي باري ۾ ماءُ پيءُ ۽ ٻارن جي مقدس رشتن جي باري ۾ سرمائيدارن جو گوڙ ۽ هُل ساڳي طرح نفرت انگيز ٿيندو ٿو وڃي، جنهن قدر جديد صنعت جي اثر سان مزدورن ۾ سڀئي خانداني بندڻ ٽٽندا ٿا وڃن ۽ انهن جا ٻار، واپار جي جنس ۾ محنت جا اوزار بڻجندا ٿا وڃن.

پر سڄو سرمائيدار طبقو هڪ آواز ٿي دانهن ڪري اُٿي ٿو، ته توهان ڪميونسٽ ته عورتن کي پڻ پائيواري جي ملڪيت بڻائي ڇڏيندو.

سرمائيدار جي نظر ۾ ان جي زال جي حيثيت پڻ پيداوار جي هڪ اوزار کان وڌيڪ نه آهي. پوءِ جڏهن هو ٻڌي ٿو ته پيداوار جي اوزارن جو استحصال پائيواري ۾ ڪيو ويندو ته قدرتي طور ان جي سواءِ ڪنهن نتيجي تي پهچي نٿو سگهي ته عورتن جو پڻ اهڙو ئي حشر ٿيندو.

ان جي وهم و گمان ۾ به اها ڳالهه نٿي اچي سگهي ته اصل مقصد عورتن جي ان حيثيت جو خاتمو ڪرڻ آهي، جنهن ۾ اها رڳو پيداوار جو پرزو بڻجي رهجي ويئي آهي.

وري ان کان وڌيڪ يوڳ جهڙي ڳالهه ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي جو اسان جي سرمائيدار پاڪدامني جي جوش ۾ عورتن جي پائيواري تي منهن سڄائين ٿا ۽ اهو ظاهر ڪن ٿا ته ڪيونسٽ ڪليل نموني ۽ قانوني طور ان کي رائج ڪندا. ڪميونسٽن کي ڪهڙو لاچار آهي ته عورتن جي پائيواري کي رائج ڪن ان جو رواج ته تمام پراڻي زماني کان هلندو پيو اچي.

ڳاڙهي بازار جي ته ڳالهه ئي ڪهڙي ڪجي، جڏهن پنهنجي مزدورن جي ڌيئرن، ننهن مان به پيٽ نٿو پرجي ته اسان جا سرمائيدار هڪٻئي جي زالن سان ناجائز تعلقات قائم ڪري انتهائي خوشي محسوس ڪن ٿا.

سرمائيداراڻي شادي اصل ۾ پائيواري ۾ زالون رکڻ جو رواج آهي ۽ ان ڪري ڪميونسٽ تي، فرض ڪريو ته جيڪڏهن وڌي ڪان وڌو ڏکيو الزام ڪوئي ٿي سگهي ٿو ته اهوئي ته هو هن منافقت پري ۽ ڳجهي پائيواري جي بدلي ۾ عورتن جي اعلانيه قانوني پائيواري قائم ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اصل حقيقت ظاهر آهي ته جڏهن موجوده پيداوار جا تعلقات ختم ٿين ته ان سان گڏ عورتن کي پائيواري ۾ رکڻ وارو رواج يعني بازاري يا خانگي عصمت فروشي به جيڪي انهن تعلقاتن جو نتيجو آهي، ختم ٿي ويندو.

وري ڪميونسٽن تي هڪڙو الزام هي به آهي، ته اهي وطن ۽ قوميت کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا.

مزدورن جو ڪوبه وطن نه آهي ۽ جيڪو انهن وٽ آهي ئي ڪونه، ته هنن کان ان کي ڪير ڪسي سگهي ٿو؟ مزدور طبقي کي جيئن ته سڀ کان اڳ ۾ سياسي اقتدار حاصل ڪرڻو اهي ترقي ڪري قوم جو سرواڻ طبقو بڻجڻو آهي، بلڪ خود قوم بڻجڻو اهي، ان ڪري ان حد تائين اهو خود قومي آهي پر هن لفظ جو اهو مفهوم نه آهي جيڪو سرمائيدار سمجهن ٿا.

سرمائيدار طبقي جي واڌ ويجهه، واپار جي آزادي، عالمي منڊي، پيداوار جو طريقو ۽ ان سان لاڳاپيل زندگي جون حالتون، ٻنهي جي يڪسانيت ڏينهون ڏينهن قومي امتياز ۽ اختلافن کي ختم ڪندي وڃي ٿي.

پورهيت طبقي جي اقتدار قائم ٿيڻ تي اهي اجا تيزيءَ سان ختم ٿيڻ لڳندا. صنعتي مزدورن جي آزادي جو پهريون شرط هي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ سڀئي ترقي يافته مهذب ملڪ گڏجي قدم کڻن.

هڪ قوم جي هٿان ٻئي قوم جو استحصال انهي نسبت سان ختم ٿيندو، جنهن نسبت سان هڪ فرد جي هٿان ٻئي فرد جو استحصال.

جيترو تيزيءَ سان قوم جي اندر طبقن جا اختلاف ختم ٿيندا، اوترو ئي تيزيءَ سان هڪ قوم جي ٻئي قوم سان دشمني ختم ٿيندي.

ڪميونزم تي مذهبي، فلسفياڻا ۽ عام طرح تي نظرياتي نقطه نظر سان جيڪي اعتراض ڪيا وڃن ٿا، اهي ان لائق ئي نه آهن، جو انهن تي سنجيدگي سان غور ڪيو وڃي.

ڇا اهو سمجهڻ جي لاءِ غير معمولي ذهانت جي ضرورت آهي ته ماڻهو جي مادي زندگي جون حالتون، هن جا سماجي رشتا ۽ هن جي سماجي زندگي ۾ جڏهن به ڪا تبديلي ٿئي ٿي ته ان سان هن جا خيال تصور ۽ نظريا يا ٿورڙن لفظن ۾ ان انسان جو شعور بدلجي وڃي ٿو؟

خيالن جي تاريخ ان کانسواءِ ٻيو ثابت ئي ڇا ڪيو آهي جو جنهن نسبت سان مادي پيداوا رم تبديلي ٿئي ٿي، انهي نسبت سان ذهني پيداوار جي نوعيت بدلجي ٿي. هر دور ۾ حڪمراني انهن خيالن جي رهي جيڪي حڪمران طبقي جا خيال هئا.

ماڻهو جڏهن اهڙن خيالن جو ذڪر ڪن ٿا جن سان سماج ۾ انقلاب اچي ٿو، ته اهي صرف ان حقيقت جو اظهار ڪن ٿا ته پراڻي سماج جي اندر هڪ نئين سماج جا عنصر پيدا ڪيا ويا آهن ۽ زندگي جي پراڻي حالتن سان گڏ هر قدم تي پراڻا خيال به ختم ٿيندا وڃن ٿا.

قديم دنيا جڏهن سڪرات ۾ هئي ته ان وقت قديم مذهبن تي عيسائيت غلبو حاصل ڪري ورتو ۽ ارڙهين صدي ۾ عقلي خيالن اڳيان جڏهن عيسائي خيالن هٿيار ڦٽي ڪري ڇڏيا ان وقت جاگيرداراڻو سماج پنهنجي زماني جي انقلابي سرمائيدار طبقي ڪان زندگي جي بازي هارائي چڪو هئو، مذهبي آزادي ۽ ضمير جي آزادي جا هي خيال رڳو اهو ظاهر ڪري رهيا هئا ته علم جي دنيا ۾ آزاد مقابلي جو راڄ قائم ٿي چڪو آهي.

چيو ويندو ته ”بيشڪ تاريخي واڌ ويجهه جو دوران مذهبي، اخلاقي فلسفياڻن، سياسي ۽ قانوني خيالن ۾ ترميم ٿيندي رهي آهي پر مذهب، اخلاق، فلسفو، سياست جو علم ۽ قانون، انهن تبديلين جي باوجود هميشه قائم رهيا.

وري ان ڪان علاوه ڪجهه ابدي سچائيون پڻ آهن جيئن آزادي، انصاف وغيره ۽ اهي سماج جي سمورين منزلن ۾ مشترڪ آهن، پر ڪميونزم سمورين ابدي سچاين جو انڪاري آهي. اهو سري ڪان ئي مذهب ۽ اخلاق ڪي ختم ڪريو ڇڏي، اهو نه، ته ان ڪي ڪنهن نئين بنياد تي مرتب ڪري ٿو. ان ڪري ڪميونزم سموري پوئين تاريخي تجربي جي خلاف قدم کڻي رهيو آهي.

هن الزام جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ سموري پوئين سماج جي تاريخ، طبقاتي اختلافن جو واڌ ويجهه جي تاريخ آهي. انهن اختلافن مختلف زمانن ۾ مختلف صورتون اختيار ڪيون.

پر سندس صورت ڪهڙي به هجي، البت هڪ خاصيت تمام گذريل صدين ۾ ساڳي رهي آهي ۽ اها آهي سماج جو شعور پنهنجي رنگا رنگي ۽ پيچيدگي جي باوجود ڪجهه ان جون صورتون، شعور جي شڪل ۾ ارتقا ڪنديون رهيون آهن ۽ اهي ان وقت تائين مڪمل طرح ختم ٿي نٿيون سگهن، جيستائين خود طبقاتي اختلاف بلڪل ختم نه ٿي وڃن.

ڪميونسٽ انقلاب، ملڪيت جي روايتي تعلقاتن تي سڀ ڪان وڏو ڪاپاري ڌڪ آهي، ان ڪري ڪا حيرت جي ڳالهه نه آهي ته ان جي واڌ ويجهه جي لپيٽ ۾ اچي روايتي خيالن جون پاڙون به ڪٽجيو وڃن.

پر هاڻ ڪميونزم جي خلاف سرمائيداراڻي اعتراضن جو قصو ختم ڪيو وڃي، اسان ڏٺو آهي ته انقلاب ۾ مزدور طبقي جو پهريون قدم صنعتي مزدورن ڪي حڪمران طبقي جي جاءِ تي پهچائڻ آهي جمهوريت جي ويڙهه کٽڻي آهي.

صنعتي مزدور پنهنجي سياسي اقتدار ڪان ڪم وٺي آهستي آهستي سمورو سرمايو، سرمائيدار طبقي ڪان ڪسي وٺندا، پيداوار جي سمورن اوزارن ڪي رياست يعني حڪمران طبقي جي صورت ۾ منظم صنعتي مزدورن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندا. پوءِ جيترو تيزيءَ سان ٿي سگهيو، سمورين پيداوار قوتن ڪي ترقي ڏياريندا.

ان ۾ شڪ نه آهي ته شروعات ۾ هن ڪي عمل ۾ آڻڻ جي ان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه رستو نه آهي، ته ملڪيت جي حقن ۽ سرمائيداراڻي پيداوا رجي تعلقاتن مٿان جارحاڻو حملو ڪجي، تنهنڪري اهڙيون تدبيرون اختيار ڪجن، جيڪي اقتصادي اعتبار ڪان اڻ پوريون ۽ بيڪار لڳنديون هجن، پر جيڪي تحريڪ جي دوران پنهنجي حدن ڪان اڳتي قدم وڌائينديون، جن سان پراڻي نظام تي وڌيڪ حملن جي ضرورت پيدا ٿيندي ۽ جيڪي پيداوار جي طريقن جي مڪمل تبديلي لاءِ بيحد ضروري آهي.

ان ۾ شڪ نه آهي ته مختلف ملڪن ۾ اهي تدبيرون پڻ مختلف هونديون. بهرحال سڀ ڪان ترقي يافته ملڪن ۾ هيٺيون تدبيرون گهڻي حد تائين قابل عمل ثابت ٿينديون.

1- زمين جي ملڪيت جي حق ڪي ختم ڪرڻ ۾ سموري ٽيڪس ڪي عام ڀلا ئي تي خرچ ڪرڻ.

2- آمدني جي واڌ سان گڏوگڏ وڌندڙ ٽيڪس لڳائڻ.

3- وراثت جي حقن ڪي منسوخ ڪرڻ.

4- وطن ڪان فرار ٿيڻ وارن ۽ باغين جي جائيداد ضبط ڪرڻ.

5- ڏيتي ليتي جو سمورو ڪاروبار هڪ قومي بئنڪ جي ذريعي، جنهن ۾ رياست جو سرمايو ۽ رکو انهي جي هڪ هٿي هجي، رياست جي هٿ ۾ ڪٺو ڪرڻ.
6- اچ وچ ۽ سڏ سماءَ جي سمورن وسيلن تي رياست جو مرڪزي قبضو هجي.
7- رياست جي ڪارخانن ۽ پيداوار جي اوزارن ڪي وڌائڻ هڪ مشترڪه منصوبي جي مطابق غير آباد زمين ڪي پوک لائق بڻائڻ ۽ عام طرح زمين جي زرخيزي ۾ اضافو ڪرڻ.
8- سڀني تي ڪم ڪرڻ جي هڪ جهڙي ذميواري هجڻ. صنعتي فوجون جوڙڻ، خاص ڪري زراعت لاءِ.
9- زراعت ۽ صنعت ڪي گڏڻ ۽ ملڪ ۾ آبادي جي ورڇ اهڙي مساوي انداز ۾ ڪرڻ جو آهستي آهستي شهر ۽ ڳوٺن جو فرق ختم ٿي وڃي
10- عام اسڪولن جي وسيلي سمورن ٻارن ڪي مفت تعليم ڏيڻ، ڪارخانن ۾ ٻارن ڪان موجوده شڪل ۾ ڪم وٺڻ جو رواج بند ڪرڻ، تعليم ڪي صنعتي پيداوار سان ملائڻ وغيره.

واڌ ويجهه جي دوران، جڏهن طبقاتي فرق ختم ٿي ويندا ۽ سموري پيداوار سڄي قوم جي هڪ وسيع سماجي تنظيم جي هٿن ۾ گڏ ٿي ويندي، ان وقت عام اقتدار جي سياسي حيثيت ختم ٿي ويندي. سياسي اقتدار اصل ۾ هڪ طبقي جو ٻين تي ظلم ڪرڻ جي لاءِ منظم تشدد آهي. صنعتي مزدور جيڪڏهن سرمائيدار طبقي ڪان جدوجهد ۾ حالتن هٿان ان ڳالهه تي مجبور ٿين ٿا ته هڪ طبقي جي صورت ۾ پنهنجي تنظيم سازي ڪري، جيڪڏهن انقلاب جي وسيلي اهو حڪمران طبقو بڻجي ٿو ۽ ساڳي طرح پيداوار جي پراڻن تعلقاتن ڪي زبردستي ختم ڪري ٿو ڇڏي ته ان سان گڏ اهو انهن حالتن ڪي پڻ ختم ڪريو ڇڏي، جن تي طبقاتي اختلاف ۽ خود طبقن جو وجود جڙيل آهي ۽ اهڙي طرح هڪ طبقي جي حيثيت سان خود پنهنجي اقتدار ڪي به ختم ڪري ڇڏيو.

پراڻي سرمائيداراڻي سماج ۽ ان جي طبقن ۽ طبقاتي اختلافن جي بدلي هڪ اهڙي تنظيم قائم ٿيندي، جنهن ۾ هر شخص جي آزاد ترقي، سڀني جي آزاد ترقيءَ جي شرط سان جڙيل هوندي.

## باب ٽيون
## سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ ادب

### 1- رجعتي سوشلزم
### (الف) جاگيرداراڻو سوشلزم:

فرانس ۽ انگلينڊ جي شاهوڪار طبقي (اشرافيه) جي تاريخي حيثيت ڪجهه اهڙي هئي جو جديد سرمائيداراڻي سماج جي خلاف مختصر پمفليٽ لکڻ، انهن جي وندر ٿي پئي. جولاءِ 1830ع جي فرانسيسي انقلاب ۾ ۽ انگريزي اصلاحي تحريڪ ۾ ان شاهوڪار طبقي کي هڪ ڀيرو ڀيهر ان ذليل نئين دولتمند جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا. ان ڏينهن کان هنن لاءِ ڪنهن اهم سياسي جدوجهد جو سوال ئي باقي نه رهيو. باقي هاڻي صرف قلم جي ويڙهه ممڪن هئي.

پر ادب جي ميدان ۾ به شاهي رجعت پرستي (1) جي زماني جا نعرا بلند ڪرڻ هاڻي هنن لاءِ ڏکيو ٿي پيو هئو. همدردي پيدا ڪرڻ جي غرض سان شاهوڪار طبقي کي مجبور ٿيڻو پيو ته بظاهر خود پنهنجي مفاد کي پٺ نظرانداز ڪرڻو پيو ۽ سرمائيدار طبقي جي خلاف فرد جرم عائد ڪرڻ ۾ رڳو استحصال ڪيل مزدور طبقي جي مفاد کي سامهون رکن. مطلب ته شاهوڪار طبقي پنهنجي نون آقائن کان انتقام جي صورت اها ڪڍي ته ان جي شان ۾ ڀراين واريون نظمون لکي ۽ ايندڙ تباهي جي ڏمر واري فال ان جي ڪنن تائين پهچائيندو رهي.

اهڙي طرح جاگيرداراڻي سوشلزم جو وجود پيو: ڪجهه روئڻ ڌوئڻ، ڪجهه بدگوئي، ڪجهه ماضي جي گونج ۽ ڪجهه مستقبل جو خوف، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي انتهائي مزاحيه ۽ چڀندڙ تنقيد سان هو سرمائيدار طبقي جي دل جي گهراين تائين لهي ويندو آهي، پر جديد تاريخ جي گهرجن کي سمجهڻ کان اهي بلڪل لاچار آهن ۽ ان ڪري ان جو اثر هميشه مذاق جوڳو هوندو آهي.

شاهوڪار طبقي ماڻهن کي پنهنجي چوڌاري گڏ ڪرڻ جي لاءِ مزدورن جي نالي خيرات جي جهولي ڪٽي ۽ ان کي پنهنجو جهنڊو بڻائي ورتو، پر جڏهن به ماڻهو انهن جي حلقي ۾ داخل ٿيا ته انهن ڏٺو، ته هنن جي گهر اندر اهي ئي

(1) انگلينڊ جي 1110ع تائين شاهي رجعت پرستي نه، بلڪه 1814ع کان 1820ع ائين فرانس جي شاهي رجعت پرستي (1888ع جي انگريز مهاڳ ۾ اينگلس جو حاشيو)

پراڻي جاگيرداراڻي منصب جا نشان اچا تائين محفوظ آهن. نيٺ اُهي زور جا نفرت ڀريا ٺهڪ ڏيئي انهن کان الڳ ٿي ويا.

”فرانسيسي وراثت پسندن“ (1) ۽ ”نوجوان انگلينڊ“ (2) جي هڪ حصي به اهو نظارو پيش ڪيو هئو.

جيڪڏهن جاگيرداري جا حامي چون ٿا ته انهن جي استحصال جو طريقو، سرمائيدار طبقي کان مختلف هئو، ته اهي وسري وڃن ته جنهن ماحول ۽ جن حالتن ۾ اهي استحصال ڪندا هئا، اهي بلڪل مختلف هيون ۽ هاڻي اهي گذريل زماني جون ڳالهيون بڻجي ويون آهن. جيڪڏهن اهي چون ٿا ته ان جي زماني ۾ جديد صنعتي مزدورن جو ڪٿي به وجود نه هئو، ته اهي وسري وڃن ته جديد سرمائيدار طبقو سندن سماجي نظام جي ئي پيداوار آهي.

باقي اهي پنهنجي تنقيد جي رجعتي نوعيت کي لڪائڻ جي تمام گهٽ ڪوشش ڪن ٿا. سرمائيدار طبقي جي خلاف ان جو سڀ کان وڏو الزام اهو آهي ته سرمائيداراڻي نظام ۾ هڪ اهڙي طبقي جي پرورش ٿي رهي آهي، جيڪو سماج جي پراڻي نظام کي بلڪل پاڙ کان پٽڻ وارو آهي.

اهي سرمائيدار طبقي تي ان ڳالهه جي لاءِ وڌيڪ ملامت ڪن ٿا، ته اهو انقلابي صنعتي مزدور پيدا ڪري ٿو. ان ڳالهه جي مقابلي ۾ ته اهي عام طور تي صنعتي مزدور پيدا ڪري ٿو.

ان ڪري عملي سياست ۾ اهي مزدور طبقي جي خلاف تشدد جي سڀني ڪارروائين ۾ پورو حصو وٺن ٿا، ۽ روزمره جي زندگي ۾ پنهنجي سموري ڊاڙ جي باوجود، صنعت جي وڻ مان جيڪو

سونهري ميوو ڪري ٿو، ان کي ڪٽڻ لاءِ ڊوڙ پائين ٿا ۽ ان چقندر جي کنڊ ۽ بٽالن جي شراب جي واپار ۾ سچائي، محبت ۽ غيرت سڀني جو سودو ڪرايو اچن ٿا. (3)

مسيحي (ملان) سوشلزم ۽ جاگيرداراڻي سوشلزم ۾ ساڳي طرح ناني ويڙهو آهي، جهڙي طرح پادري ۽ زميندار وچ ۾.

عيسائيت جي رهبانيت کي سوشلزم جو ويس پارائڻ کان وڌيڪ آسان ٻيو ڪو ڪم نه آهي. ڇا عيسائيت به ذاتي ملڪيت، شادي ۽ رياست جي خلاف فتوائون جاري نه ڪيون؟ ڇا ان به ان جي جاءِ

(1) ”وراثت پسند“ شاهوڪار زميندارن جي پارٽي، جنهن جي ڪوشش هئي، ته فرانس ۾ ٻيهر بوربون گهراڻي جي بادشاهت قائم ٿئي.

(2) ”نوجوان انگلينڊ“ انگريز قدامت پسندن جو گروهه 1842ع جي لڳ ڀڳ قائم ٿيو هئو. ان ۾ امير، سياستدان ۽ اديب هئا. انهن ۾ ڊزرائيلي، ٿامس ڪارلائل وغيره جا نالا مشهور هئا.

(3) هي ڳالهه خاص طور تي جرمني تي پوري لهي ٿي، جتان جا زميندار امير ۽ وڏيون وڏيون ايراضيون رکندڙ پنهنجن زمينن جي گهڻي حصي تي پنهنجي لاءِ دلالن وسيلي پوک ڪرائين ٿا ۽ گڏوگڏ اهي کنڊ ۽ شراب جي وڏن وڏن ڪارخانن جا مالڪ آهن. انگريز شاهوڪار طبقو، جيڪو ان کان وڌيڪ دولتمند آهي. اڃا تائين انهن ڳالهين کان مٿانهون آهي، پر اهي به پنهنجي گهٽ ٿيندڙ ٽيڪس کي پوري ڪرڻ جو طريقو خوب ڄاڻن ٿا ۽ شڪي قسم جي گڏيل اسٽاڪ ڪمپنيون کولڻ وارن کي پنهنجو نالو اڌارو ڏين ٿا.

تي ٺيڪ ڪم ۽ ڇڙو رهڻ ۽ نفس ڪشي، صوفياڻي ۽ عيسائيت جي تلقين نه ڪئي؟ مسيحي (ملان) سوشلزم اهو پاڪ پاڻي آهي، جنهن جي ڇنڊن سان پادري شاهوڪار طبقي جي دل جي باهه کي سکون پهچائي ٿو.

(ب) وچولي طبقي جو سوشلزم:

جاگيردار طبقو ئي هڪ اهڙو طبقو نه آهي، جنهن کي سرمائيدار طبقي تباهه ڪيو آهي، جنهن جي زندگي جو نظام جديد سرمائيداراڻي سماج جي ماحول ۾ سڙي برباد ٿي چڪو هجي. وچين دور جا شهري واپاري ۽ ننڍي ايراضي رکندڙ آبادگار، جديد سرمائيدار طبقي جا اڳواڻ هئا. جن ملڪن ۾ صنعت ۽ واپار گهڻي ترقي نه ڪئي، اتي اڄ به اهي ٻئي طبقا نئين سرمائيدار طبقي سان گڏ ٻري ۽ پلي زندگي جا ڏينهن ڪاٽي رهيا آهن.

جن ملڪن ۾ جديد تهذيب پوري جواني تي رسي ويئي آهي، اتي وچولي طبقي (پيٽي بورجووا) جو هڪ نئون طبقو ٺڄي ويو آهي، جيڪو صنعتي مزدورن ۽ سرمائيدار جي وچ ۾ لڏندو رهندو آهي ۽ سرمائيداراڻي سماج جي هڪ واڌو حصي جي حيثيت سان لاڳيتو پنهنجي تجديد ڪندو رهي ٿو، پر مقابلو هن طبقي جي ماڻهن کي هڪ هڪ ڪري مزدور طبقي جي اندر ڌڪيندو رهي ٿو ۽ جيئن جيئن جديد صنعت ترقي ڪندي اهي ته هو خود ان گهڙي کي ويجهو ايندي ڏسن ٿا، جڏهن جديد سماج ۾ ان جي آزاد حيثيت ختم ٿي ويندي ۽ صنعت زراعت ۽ واپار ۾ نگراني ڪندڙ ڪارندا ۽ اجوري وارا ملازم ان جي جاءِ والاريندا.

اهي ملڪ جن ۾ فرانس وانگر آبادي ۾ اڌ کان وڌيڪ هاري ۽ آبادگار آهن، اتي هي قدرتي ڳالهه هئي ته اتي سرمائيدار طبقي جي خلاف صنعتي مزدورن جو ساٿ ڏيندڙ ليکڪ، سرمائيداراڻي نظام جي لاءِ راءِ ڏيڻ وارا آبادگار يا وچولي طبقي جي طريقي سان ڪم وٺن ها ۽ ان تي وچولي طبقن جي نقطه نظر موجب مزدور طبقي جي پٺڀرائي ڪن ها. ان ڪري اهڙو وچولي طبقي جو سوشلزم پيدا ٿيو. سسمانڊي رڳو فرانس ۾ ئي نه پر انگلينڊ ۾ به ان مسلڪ جي ماڻهن جو رهنما هئو.

سوشلزم جي هن درسگاهه، جديد پيداواري تعلقاتن ۾ تضاد جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۾ وڏي ذهانت جو ثبوت ڏنو. اقتصاديات جي ماهرن جي منافقانه بهانن تان پردو کنيو. ان لاجواب شاهدين سان ثابت ڪيو ته مشين سازي ۽ پورهئي جي ورڇ، چند هٿن ۾ سرمائي ۽ گهڻي زمين جو هجڻ، واڌو پيداوار ۽

بحران کھڙا کھڙا تباهه کن اثر پيدا کن ٿا. ان وچولي طبقي ۽ آبادگارن جي اٽٽر تباهي، مزدور طبقي جي غربت، پيداوار جي بدنظمي، دولت جي ورڇ جي شديد اڻ برابري، قومن جي پاڻ ۾ هکٻئي کي ختم کرڻ واري صنعتي جنگ، پراڻن اخلاقي ٻنڌڻن، پراڻن خانداني رشتن ۽ پراڻين قومن جي بربادي جو نقشو جوڙيو.

پر پنهنجي سچن مقصدن ۾ هن قسم جو سوشلزم يا ته پيداوار ۽ مٽاسٽا جي پراڻن وسيلن کي ۽ ان سان گڏ ملکيت جي پراڻن رشتن ۽ پراڻي سماج کي بحال کرڻ جي خواهشمند آهي يا وري پيداوار ۽ مٽاسٽا جي جديد وسيلن کي ملکيت جي پراڻن رشتن جي حدبندي جي اندر بند رکڻ چاهي ٿو. حالانکه انهن ئي وسيلن جي دٻاءَ سان اهي رشتا ٽکاءُ ڏيئي ٽٽا هئا ۽ اهو اٽٽر هو. ٻنهي صورتن ۾ هي سوشلزم رجعت پرست ۽ تصوراتي آهي.

صنعتي ۾ هنرمندن جون منظم تنظيمون ۽ زراعت ۾ قبيلائي رشتا ئي ته هن سوشلزم جا آخري اکر آهن.

پر نيٺ جڏهن تاريخ جي ٺوس حقيقتن خود فريبي جي سمورن نشي آور اثرن کي ختم کري ڇڏيو ته ان قسم جي اشتراکيت، انتهائي نااميدي جي عالم ۾ مٽي کي هٿ ڏيئي ويٺي ۽ اهو ئي ته ان جو انجام هئو.

(ب) جرمن يا سچو سوشلزم:

فرانس جو سوشلسٽ ۽ کميونسٽ ادب، اهڙو ادب هئو، جيکو اقتدار تي ويٺل سرمائيدار طبقي جي جبر ۽ دٻاءَ هيٺ پيدا ٿيو ۽ جيکو ان جي اقتدار جي خلاف جدوجهد جي عکاسي کندڙ هئو. اهو ادب جرمنيءَ ان وقت پهتو، جڏهن هن ملک جو سرمائيدار طبقو، جاگيرداراڻي بادشاهت جي خلاف اجا مس ميدان ۾ لٿو هئو.

جرمني جا فلسفي، نيم فلسفيءِ اديب وڏي شوق سان هن ادب ڏانهن ڪاهي پيا. انهن کي ايتري ڳالهه به ياد نه رهي ته هي تحريرون جڏهن فرانس مان جرمني ۾ آيون ته ان سان گڏ فرانس جون سماجي حالتون کونه آيون هيون. جرمني جي سماجي حالتن ۾ اچڻ سان ئي اهو فرانسيسي ادب پنهنجي فوري اهميت وڃائي ويٺو ۽ ان خالص ادبي صورت اختيار کري ورتي، ٺهنکري ارڙهين صدي جي جرمن فلسفين جي نظر ۾ پهرين فرانس جي انقلاب جا مطالبا عام طور تي ”عملي منطق“ جي تقاضائن کانسواءِ کجهه به نه هئا ۽ سندس خيال ۾ فرانس جي انقلابي سرمائيدار جي مرضي جو اظهار دراصل خالص مرضي يا مرضي جي اصل صورت، يعني سچي انساني مرضي جي قانونن جي اهميت رکندو هئو.

جرمني جي عالمن جو کم رڳو اهو هئو ته نون فرانسيسي خيالن ۽ پنهنجي پراڻي فلسفياڻي ضمير ۾ هم آهنگي پيداکن، ٻين لفظن ۾ پنهنجي فلسفياڻي نقطه نظر سان فرانسيسي خيالن کي قبولين.

انهن خيالن کي هنن اهڙي طرح قبوليو، جيئن کنهن ٻاهرين زبان جي ادب کي اپنايو ويندو آهي، يعني ترجمي جي ذريعي.

اهو سڀني کي معلوم آهي ته قديم زماني جي کلاسيکي قلمي نسخن جي مسودن جي مٿان راهبن، کيٿوليک اوليائن جي بي هودگي واريون سوانح عمريون لکيون هيون؛ جرمني جي عالمن، فرانس جي ناپاک ادب جي سلسلي ۾ ان طريقي کي ڦيرائي ڇڏيو، فرانسيسي خيالن کي انهن پنهنجي فلسفياڻي بي هودگين جي لکڻ جي لاءِ استعمال کيو. ناڻي جي لاڳاپن جي باري ۾ فرانسيسي تنقيد جي هيٺان انهن ”انسانيت جي گمراهي“ ۽ سرمائيداراڻي رياست جي فرانسيسي تنقيد جي هيٺان ”غلبي جو خاتمو“ وغيره لکيو.

مطلب ته انهن فرانس وارن جي تاريخي تنقيدن سان گڏ پنهنجي فلسفياڻي اکرن جي پچ لڳائي ڇڏيو ۽ ان جو نالو رکيو ”عمل جو فلسفو“، ”سچو سوشلزم“، ”سوشلزم جي جرمن سائنس“، ”سوشلزم جو فلسفياڻو بنياد“ وغيره.

مطلب ته فرانسيسي سوشلسٽ ۽ کميونسٽ ادب کي بلکل بي جان بڻايو ويو ۽ جيئن ته جرمني وارن جي هٿن ۾ اهو هک طبقي جي خلاف ٻئي طبقي جي جدوجهد جو عکاسي کندڙ به نه

رهيو، ان ڪري هن کي اهو احساس ٿي ويو ته هنن ”فرانسيسي هڪ طرفوپڻو“ ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو حقيقي تقاضائن جو نه، پر حق جي گهرجن جو مزدور طبقي جي مفاد ۾ نه، پر انساني فطرت جي مفاد ۾، يعني عام انسانن جي نمائندگي ڪري ٿو، جيڪو ڪنهن به طبقي جو نه آهي، جنهن ڪابه حقيقت نه آهي، جنهن جو وجود رڳو فلسفياڻي وهمن جو ڪوهيڙو آهي.

ان دوران هي جرمن سوشلزم، جنهن پنهنجي ٻاراڻي ڏنڌي کي ايترو اهم ۽ سنجيده سمجهيو هئو ۽ بازاري دوا فروش وانگر پنهنجي ٽڪي جي مال لاءِ هوڪو ڏنو هئو، آهستي آهستي پنهنجي ڪتابي معصوميت به وڃائي ويٺو.

جاگيردار اشرافيه ۽ آپيشاهه بادشاهت جي خلاف جرمني ۽ خاص ڪري پروشيا جي سرمائيدار طبقي جي ويڙهه ياٻين لفظن ۾ لبرل تحريڪ وڌيڪ سنگين ٿي ويئي.

ان سان ”سچي سوشلزم جي پراڻي اميد پوري ٿي، ان کي موقعو مليو، ته سياسي تحريڪ جي سامهون سوشلسٽ مطالبا پيش ڪري، اعتدال پسندي، نمائنده حڪومت، سرمائيداراڻو مقابلو، پريس جي سرمائيداراڻي آزادي، سرمائيداراڻي قانون سازي ۽ سرمائيداراڻي آزادي ۽ برابري جي خلاف پنهنجو پراڻين لعنتن جو وسڪارو شروع ڪري ۽ عام عوام کي ٻڌايو ته هن مخالف سرمائيداراڻي تحريڪ ۾ ان جو ڪوبه فائدو نه آهي، رڳو نقصان آهي. جرمن سوشلزم عين وقت تي پلجي ويو، ته اهو خود جن‌هن فرانسيسي تنقيد جي هڪ بي معنيٰ نقل هئو، ان جي پيش نظر جديد سرمائيداراڻي سماج، ان سان مطابقت رکڻ واريون زندگي جون مادي حالتون ۽ سياسي ڍانچي سميت شامل هيون ۽ هي ئي اهي شيون هيون، جن کي حاصل ڪرڻ جرمني جي ايندڙ جدوجهد جو مقصد هئو.

جن جي ذريعي حڪومت جرمن مزدورن جي بغاوتن کي دٻائي رهي هئي.

هڪ طرف ته هي ”سچو سوشلزم“ جرمن سرمائيدار طبقي جي خلاف لڙڻ جي لاءِ حڪومتن جي هٿن ۾ هٿيار جو ڪم ڏيئي پيو ۽ ٻئي طرف سڌي طرح هڪ رجعتي مفاد، يعني جرمني جي وچولي طبقي جي مفاد لاءِ علمبردار هئو.

جرمني جو هي وچولو طبقو سورهين صدي جي نشاني آهي ۽ ان وقت کان لاڳيتو مختلف صورتن ۾ نمودار ٿيندو رهندو آهي ۽ اهي ئي موجوده صورتحال جي اصلي سماجي بنياد آهي.

هن طبقي کي قائم رکڻ جو مطلب، جرمني ۾ موجوده صورتحال کي قائم رکڻ آهي. سرمائيداري جي صنعتي ۽ سياسي برتري کان ڊڄندي، اهو پنهنجي قطعي تباهي جو انتظار ڪري ٿو. هڪ طرف، سرمائي جي مرڪزيت هجڻ جي ڪري ۽ ٻئي طرف انقلابي مزدور طبقي جي واڌ ويجهه جي ڪري. وچولي طبقي کي معلوم هو، ته سچو سوشلزم هڪ ڌڪ سان ٻه شڪار ڪري ٿو ۽ ان ڪري سچي سوشلزم کي هڪ وبا وانگر پکيڙجي.

جرمن سوشلسٽن پنهنجي بي وزن ”ابدي سچاين“ جي هڏائي پڃري کي هڪ روحاني ويس پارايو، جنهن کي منطقي دليلن جي تاجي پيٽي سان اٽيو هئو، جنهن تي فصاحت جا گل لڳايا هئا ۽ جيڪي منڙن جذبن وارن ڳوڙهن ۾ پنل هئا. هي ويس ان طبقي ۾ ان جي حال جي کپت وڌائڻ ۾ گهڻو ڪارآمد ثابت ٿيو.

۽ پنهنجي پاران جرمن سوشلزم ڏينهون ڏينهن اهو تسليم ڪندو ويو ته وڏيون وڏيون ڳالهيون ۽ لفاظي ڪري وچولي طبقي جي وڪالت ڪرڻ ئي ته هن جو اصلي مقصد آهي.

هن دعويٰ ڪئي ته جرمن قوم ئي هڪ مثالي قوم آهي ۽ جرمني جو وچولو طبقو انسانيت جو اعليٰ نمونو آهي. هن مثالي انسان جي هر ڪميڻي حرڪت ۽ ذلالت جي هن هڪ ڳجهي، اعليٰ ۽ سوشلسٽ تعبير پيش ڪئي، جيڪا ان جي اصلي خصلت جي ابتڙ هئي. انتها اها هئي ته ان ڪميونزم جي سر عام مخالفت شروع ڪئي ته ان ۾ ”تمام گهٽي تباهي آڻيندڙ“ جو رجحان موجود آهي ۽ پنهنجي غير جانبداري جي آڙ ۾ سموري طبقاتي جدوجهد تي انتهائي نفرت جو اظهار ڪيو. اڄڪلهه جرمني ۾ سوشلزم ۽ ڪميونزم جي نالي سان جن ڪتابن جو رواج آهي، انهن مان هڪ اڌ کي ڇڏي، سڀئي انهي گندي ۽ نڪمو بڻائڻ واري ادب سان تعلق رکن ٿا.

(2) قدامت پسند يا سرمائيداراڻو سوشلزم

سرمائيدار طبقي جو هڪ حصو سماج جون خرابيون ختم ڪرڻ ٿو چاهي ته جيئن سرمائيداراڻي سماج جي زندگي کي قائم رکي سگهجي.

هن گروهه ۾ معاشيات جا ماهر، انسانيت دوست، غريبن جا همدرد مزدور طبقي جي حالت سڌارڻ وارا، سخي مرد، جانور کي ستائڻ جي مخالفت ڪرڻ وارين تنظيمن جا ميمبر، شراب نوشي جا ڪٽر مخالف ۽ ننڍا ننڍا سڌارڪ شامل آهن. وڏي ڳالهه ته هن قسم جي سوشلزم جو مڪمل نظام به تيار ڪيو ويو آهي.

هن قسم جي سوشلزم جو هڪ مثال، اسان کي پروڌون جي ڪتاب ”غربت جي فلسفي“ ۾ ملي ٿو.

سوشلسٽ سرمائيدار جديد سماجي حالتن جي سمورن فائدن کي قائم رکڻ چاهين ٿا، پر جدوجهد ۽ انهن خطرن کي نه، جيڪي ان جو لازمي نتيجو آهن. اهي سماج جي موجوده صورتحال کي پسند ڪن ٿا. بشرطه ان جي انقلابي ۽ انتشار پيدا ڪرڻ وارن عنصرن کي ٻاهر ڪڍيو وڃي. اهي چاهين ٿا ته سرمائيدار طبقو رهي، پر مزدور نه هجن. ظاهر آهي ته سرمائيدار جي نظر ۾ سڀ ڪان سٺي دنيا اها هوندي، جنهن ۾ خود ان جي حڪمراني هجي ۽ سرمائيداراڻو سوشلزم ان خوش آئينده تصور کي فروغ ڏيئي گهٽ وڌ ڪري مڪمل نظام ٺاهي ٿا وٺون. مزدورن کي جڏهن اها تجويز ڏني پئي ويئي ته هن نظام تي عمل ڪريو ۽ ويئي ويئي هڪ نئين جنت ۾ پهچي وڃو ته حقيقت ۾ چوڻ جو مطلب اهو هوندو آهي ته مزدور موجوده سماج جي دائري جي اندر رهن، پر سرمائيدار طبقي جي باري ۾ نفرت ڀريل خيالن کي پنهنجي دماغ مان ڪڍي ڇڏين.

(1) 1848ع انقلابي طوفان هن سموري خراب رجحان کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ان جي علمبردارن جي دل مان سوشلزم ۾ الجهڻ جو شوق ختم ڪري ڇڏيو. هن رجحان جو اصلي ۽ خاص نمائندو هيرل ڪارل گرون آهن. (اينگلس)

هن سوشلزم جي هڪ ٻي وڌيڪ عملي صورت آهي، پر ان ۾ ترتيب ۽ ڏسڻ جي ڪوٺ آهي. اهو مزدور طبقي جي نظر ۾ هر انقلابي تحريڪ جي وقعت گهٽ ڪرڻ جي لاءِ اهو ثابت ڪرڻ چاهي ٿو، ته انهن کي رڳو ڪنهن سياسي اصلاح نه، بلڪه زندگي جي مادي حالتن کي ۽ معاشي رشتن جي بدلجڻ سان ئي ڪجهه فائدو ٿي سگهي ٿو، پر زندگي جي مادي حالتن کي بدلڻ سان هن سوشلزم جي مرضي هرگز اها نه هوندي ته پيداوار جا سرمائيداراڻا تعلقات ختم ڪيا وڃن. اهو ڪم ته صرف انقلاب جي ذريعي ئي پورو ٿي سگهي ٿو. هن جو مطلب موجوده رشتن کي برقرار رکندي ان جي بنياد تي نظام ۾ سڌارو آڻڻ آهي. انهن سڌارن سان سرمايو ۽ محنت جي رشتي تي ڪوبه اثر نه پوي، بلڪه گهٽو ٿئي ته سرمائيداراڻي حڪومت جي خرچن ۾ گهٽتائي ٿي سگهي ٿي ۽ ان جي نظام ۾ وڌيڪ سهولت ۽ سادگي پيدا ٿي سگهي ٿي.

سرمائيداراڻي سوشلزم جو اصلي اظهار ان وقت ۽ صرف انهي وقت ٿيندو آهي، جڏهن اهو فقط هڪ علامت جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو.

آزاد واپار! مزدور طبقي جي ڀلائي لاءِ، آمدني جا محصول! مزدور طبقي جي ڀلائي لاءِ جيلن جا سڌارا! مزدور طبقي جي ڀلائي لاءِ، سرمائيداراڻي سوشلزم جو حرف آخر اهوئي آهي ۽ اهو هڪ اهڙو لفظ آهي، جنهن کي سنجيدگي سان چيو ويو آهي.

سرمائيداري جو سوشلزم ان سچائي تي مشتمل آهي ته سرمائيدار، مزدور طبقي جي ڀلائي لاءِ سرمائيدار آهي.

(3) تنقيدي خيالي سوشلزم ۽ڪميونزم

هتي اسان ان ادب جو ذڪر ڪرڻ نٿا چاهيون، جنهن اڄڪلهه جي هر وڏي انقلاب ۾ مزدور طبقي جي مطالبن جو آواز بلند ڪيو آهي، جنهن جو مثال بابيوف وغيره جي لکڻين ۾ ملي ٿو.

مزدور طبقي پنهنجي مقصدن کي پورو ڪرڻ جي سڌي طرح ڪوشش سڀ کان اڳ ان وقت ڪئي هئي، جڏهن هر طرف هلچل مچيل هئي ۽ جاگيرداراڻي سماج جو خاتمو ڪيو پئي ويو. انهن

ڪوشش جو ناڪام ٿيڻ لازمي هئو، ڇو ته ان وقت مزدور طبقو گهڻي ترقي ڪري نه سگهيو هئو. هن جي نجات جي لاءِ جيڪي مادي حالتون ضروري آهن، اهي به موجود نه هيون. انهن ڪي وجود ۾ اچا آڻڻو هئو ۽ ايندڙ سرمائيداراڻو دور ئي انهن ڪي وجود ۾ آڻي سگهي ٿو. مزدور طبقي جي انهن شروعاتي تحريڪن سان گڏ جيڪو انقلابي ادب پيدا ٿيو، ان جي نوعيت لازمي رجعت پسند هئي. ان دنيا ترڪ ڪرڻ ۽ نهايت خراب قسم جي سماجي برابري جي تعليم ڏني.

اصل ۾ جيڪي سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ نظام چورائجن ٿا، يعني جيڪي سين سائمن، فورئي ۽ اووين وغيره ڏانهن منسوب آهن، اهي ان زماني ۾ پيدا ٿيا هئا، جڏهن مزدور طبقي ۽ سرمائيدار جي وچ ۾ جدوجهد نهايت شروعاتي ۽ غير ترقي يافته حالت ۾ هئي. ان جو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي.

ان ۾ ڪو ئي شڪ نه آهي ته انهن نظامن جا بانيڪار طبقاتي اختلافن ڪان بي خبر نه هئا. انهن هنن عنصرن ڪي ڏٺو هئو، جن جي عمل سان مروج سماج ۾ انتشار پيدا ٿي رهيو آهي، پر مزدور طبقو ان وقت تائين پنهنجي پار روئڻ واري حالت ۾ هئو ۽ ان ۾ هن ڪي اهڙا ڪي به آثار نظر نه آيا، جن مان هن ڪي معلوم ٿئي ته ان طبقي ۾ تاريخي پيش قدمي يا آزاد سياسي تحريڪ جو مادو موجود آهي.

جيئن ته طبقاتي ڇڪتاڻ صنعت جي ترقي سان گڏوگڏ وڌندي آهي، ان ڪري انهن ماڻهن ڪي پنهنجي وقت جي اقتصادي صورتحال ۾ اهي مادي حالتون نه مليون، جيڪي مزدور طبقي جي نجات جي لاءِ ضروري آهن. ان ڪري اهي هڪ نئين سماجي سائنس جي، نئين سماجي قانون جي ڳولا ڪرڻ لاءِ جن مان انهن حالتن ڪي پيدا ڪري سگهجي.

تاريخي عمل جي جاءِ تي ان جو پنهنجو ذاتي ايجاد ٿيل عمل هوندو، نجات جي تاريخي طور تي پيدا ٿيڻ وارن حالتن جي جاءِ تي، خيالي حالتون ۽ مزدور طبقو پاڻ مرادو آهستي آهستي طبقاتي طور منظم ٿئي، ان جي بدران سماج انهن ايجاد ڪندڙن جي خاص طور ناهيل نسخي موجب منظم ٿئي. انهن جي خيال ۾ مستقبل جو تاريخي ڪم اهو آهي ته سندن جي سماجي منصوبن جي تبليغ ڪئي وڃي ۽ انهن ڪي عمل ۾ آندو وڃي.

اهي پنهنجي منصوبن ڪي ناهڻ ۾ هي احساس رکن ٿا ته مزدور طبقي جي مفاد جو خاص ڌيان رکو، ڇو ته اهو سڀ ڪان وڌيڪ مصيبت جو ماريل آهي. سندن نظر ۾ مزدور طبقي جي حيثيت صرف ايتري آهي ته هي غريب طبقو سڀ ڪان وڌيڪ ڏکويل آهي.

طبقاتي جدوجهد جي غير ترقي يافته صورت ۽ پوءِ وري انهن جي پنهنجي حالتن جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو ان قسم جا سوشلسٽ پنهنجو پاڻ ڪي سمورن طبقاتي اختلافن ڪان گهڻو مٿانهون سمجهڻ لڳندا آهن. اهي سماج جي هر ماڻهو جي حالت سڌارڻ چاهين ٿا. انهن ماڻهن جي پڻ، جن ڪي دنيا جي هر نعمت حاصل آهي. ان ڪري اڪثر طور تي اهي طبقي جو لحاظ رکڻ ڪانسواءِ سڄي سماج ڪي اپيل ڪن ٿا، رڳو ايترو ته پر حڪمران طبقي ڪي به اپيل ڪرڻ وڌيڪ بهتر سمجهن ٿا. انهن جو خيال هئو ته هڪ ڀيرو انهن جي نظام ڪي سمجهي وٺڻ ڪانپوءِ ڪوبه ماڻهو ڪيئن ٿو انڪار ڪري سگهي ته سماج جي بهتر ڪان بهتر حالت جو سٺي ڪان سٺو خاڪو هي نه آهي؟

ان ڪري اهي سموري سياسي ۽ خاص ڪري انقلابي عمل ڪي ٺڪرائين ٿا. اهي پرامن طريقي سان پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ چاهين ٿا ۽ ڪوشش ڪن ٿا ته ننڍا ننڍا تجربا ڪري جن جو انجام ناڪامي ڪانسواءِ ڪجهه به نٿو ٿي سگهي، بيا مثال قائم ڪري پنهنجي سماجي پيغام جو رستو صاف ڪن.

ايندڙ سماج جون هي خيالي تصويرون، اهڙن وقتن ۾ ڪڍيون ويون هيون، جڏهن صنعتي مزدور (پرولتاري) اڃا گهڻو ڪمزور حالت ۾ هئا ۽ خود ان جي ذهن ۾ پنهنجي متعلق اڌورا خيال پريل هئا. ان جو تعلق صنعتي مزدور جي ان ابتدائي احساس سان هئو، جيڪو ان جي دل ۾ پوري سماج جي نئين سري سان تعمير ڪرڻ جي لاءِ پيدا ٿي رهيو هئو.

پر انهن سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ لکڻين ۾ هڪ تنقيدي پهلو پڻ موجود آهي؛ اهي موجوده سماج جي هر اصول تي وار ڪن ٿا، تنهنڪري مزدور طبقي جي تعليم جي لاءِ انهن ۾ نهايت قيمتي مواد پريو پيو آهي. انهن ۾ جيڪي عملي تدبيرون پيش ڪيون ويون آهن، مثلن اهو به ته شهر ۽ ڳوٺ جو فرق ختم ڪيو وڃي، خاندان ۽ ماڻهن جي فائدي جي لاءِ صنعتي ڪاروبار جو طريقو ۽ اجوري وارا نظام ختم

ڪري ڇڏجن. سماجي هم آهنگي پيدا ڪئي وڃي، رياست جيڪو ڪم ڪري ٿي، تنهن جي جاءِ تي رڳو پيداوار جي سار سنڀال جو ڪم رهڻ ڏنو وڃي، هي سڀئي تجويزون، صرف اهو ٻڌائينديون رهيون آهن ته طبقاتي اختلاف ختم ٿي ويندا، پر ان وقت تي انهن اشاعتن اجا اڀرڻ ئي ته شروع ڪيو هئو ۽ انهن لکڻين ۾ انهن جي بلڪل ابتدائي، اڻ چٽي ۽ نهايت ڌنڌلي صورت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان ڪري هي تجويزن صرف خيالي حيثيت رکن ٿيون.

تنقيدي خيالي سوشلزم ۽ ڪميونزم جي اهميت ۾ ۽ تاريخي واڌ ويجهه ۾ ابتو تعلق آهي. جديد طبقاتي جدوجهد جنهن حد تائين ترقي ڪري ۽ چٽي شڪل اختيار ڪري ٿي، انهي حد تائين جدوجهد ڪان انهن جي بي بنياد علحيدگي جي اڍنگي مخالفت پنهنجي عملي قدر ۽ قيمت ۽ نظرياتي جواز وڃائيندي ٿي وڃي. ان جو ئي نتيجو آهي، جيتوڻيڪ انهن نظامن جا بانيڪار گهڻي لحاظ ڪان انقلابي هئا، پر انهن جا پوئلڳ، جيئن جو تيئن بيٺا رهن ٿا ۽ مزدور طبقي جي وڌندڙ تاريخي واڌ ويجهه ڪي نظرانداز ڪن ٿا. ان ڪري اهي لاڳيتو طبقاتي ڪشمڪش ڪي ختم ڪرڻ ۽ طبقاتي اختلافن ۾ ٺاهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي اجا تائين پنهنجي تجربن جي ذريعي پنهنجن سماجي خيالي منصوبن ڪي مڪمل ڪرڻ جا خواب ڏسن ٿا. اهي الڳ الڳ ”فلانستر“ قائم ڪرڻ، گهريلو بيٺڪيون وسائڻ، ننڍيون ننڍيون ايڪاريا (1) ٻڌائڻ چاهين ٿا ۽ انهن سمورن هوائي قلعن جي تعمير جي لاءِ مجبور ٿين ٿا، ته سرمائيدارن جي جذبن ڪي اپيل ڪن ۽ اهي انهن جي اڳيان جهولي جهلين. اهڙي طرح آهستي آهستي تباهه ٿي اهي به انهن رجعت پسند يا قدامت پرست سوشلسٽن جي دائري ۾ وڃي گڏجن ٿا، جن جي تصوير مٿي ڪڍي ويئي آهي. فرق صرف اهو هوندو آهي، جو هي ماڻهو پنهنجي باقاعدي ڪتاب پرستي ۽ پنهنجي سماجي سائنس جي معجزاتي اثرن تي ايمان رکن ٿا، جيڪو جنون ۽ وهم پرستي جي حد تي وڃي پهتو آهي.

ان ڪري اهي مزدور طبقي جي هر سياسي عمل جي شدت سان مخالفت ڪن ٿا. انهن جي خيال ۾ سياسي عمل جو رستو اهي ماڻهو اختيار ڪري سگهن ٿا، جيڪي تعصب سان انڌا ٿي وڃن ۽ ان جي نئين پيغام ڪي مڃڻ ڪان انڪار ڪن.

ان ڪري انگلستان ۾ اووين ۽ فرانس ۾ فورئي جي نالي وٺڻ وارن چارٽسٽن ۽ اصلاح پسندن (2) جي مخالفت ڪن ٿا.

(1) فورئي، جن سوشلسٽ نوآبادين جي منصوبو جوڙيو هو، انهن ڪي ”فلانستر“ چيو ويندو آهي. ڪابي پنهنجي خيالي ڪميونسٽ نظام جو نالو ”ايڪاريا“ رکيو هئو ۽ جڏهن آمريڪا ۾ ان هڪ ڪميونسٽ نوآبادي وسائي، ته ان جو نالو به اهو ئي پيو. اووين پنهنجي مثالي ڪميونسٽ سوسائٽين ڪي گهريلو نو آباديون سڏي ٿو. (اينگلس)

(2) ان جو اشارو اخبار ”الا صلاح“ جي حامين ڏانهن آهي. جيڪي ريپبلڪ قائم ڪرڻ ۽ جمهوري ۽ سوشل اصلاح جا مطالبا ڪندا هئا. هي اخبار 50-1843ع تائين پيرس مان شايع ٿي.

باب چوٿون

حڪومت جي بين مخالف پارٽين سان ڪميونسٽن جو لاڳاپو

ٻئي باب ۾ وضاحت ڪري چڪا آهيون ته مزدور طبقي جي موجوده پارٽين سان جيئن انگلستان ۾ چار ٽسٽن ۽ اتر آمريڪا ۾ زرعي اصلاح پسندن سان ڪميونسٽن جا ڪهڙا لاڳاپا آهن.

ڪميونسٽ جدوجهد ان لاءِ ڪن ٿا، ته مزدور طبقي جا فوري مقصد حاصل ٿين، انهن جا عارضي مفاد پورا ڪري سگهجن، پر حال جي تحريڪ ۾ اهي ان تحريڪ جي مستقبل جي به ترجماني ڪن ٿا ۽ ان جو ڌيان رکن ٿا. فرانس ۾ ڪميونسٽ، قدامن پرست ۽ ريڊيڪل سرمائيداري جي خلاف سوشل ڊيموڪريٽن، (1) سان اتحاد جوڙين ٿا، پر فرانس جي انقلاب مان جيڪي پر فريب لفظ ۽ مبهم اميدون منتقل ٿينديون آيون آهن، انهن تي راءِ ڏيڻ جو حق انهن نه ڇڏيو آهي.

سئزرلينڊ ۾ اهي ريڊيڪل پارٽي جي مدد ڪن ٿا، پر ان حقيقت ڪان اکيون نٿا ڦيرائين، ته هي پارٽي متضاد جزن سان ملي ڪري جڙي آهي، جنهن ۾ ڪجهه ته فرانسيسي قسم جا جمهوري سوشلسٽ آهن ۽ ڪجهه ريڊيڪل سرمائيدار.

پولينڊ ۾ اهي ان پارٽي جا مددگار آهن، جيڪا زرعي انقلاب تي زور ڏئي ٿي، ته اها ئي قومي نجات جو پهريون شرط آهي. 1846ع ۾ ساڳي پارٽي ڪراڪف بغاوت جي باهه ڀڙڪائي هئي.

جرمني ۾ سرمائيدار طبقو جڏهن به ڪنهن انقلابي رستي تي قدم رکي ٿو ۽ آپيشاهي بادشاهت، جاگيرداراڻي زمينداري ۽ رجعت پسند وچولي طبقي جي خلاف انقلابي ڪارروائي ڪري ٿو ته ڪميونسٽ انهي سان گڏجي وڙهن ٿا.

پر هڪڙي گهڙي جي لاءِ به اهو نٿا وسارين ته سرمائيدار ۽ صنعتي مزدورن جي بنيادي دشمني جو خيال، نهايت مضبوطي سان مزدور طبقي جي دل ۾ ويهاري ڇڏين ته جيئن جڏهن وقت اچي ته جرمن مزدور انهن سماجي ۽ سياسي حالتن کي سرمائيدار طبقي جي خلاف هٿيار بڻائي استعمال ڪن ۽ جرمني ۾ رجعت پسند طبقن جي زوال کانپوءِ خود سرمائيدار طبقي جي خلاف ويڙهه فوري طور شروع ڪري ڇڏجي.

(1) هن پارٽي جي نمائندگي انهن ڏينهن ۾ پارليامينٽ ۾ ليڊرو رولن، ادب ۾ لوئي بلانڪ، روزانه اخبارن ۾ ”الا صلاح“ ڪندا هئا. اهي ماڻهو سوشل ڊيموڪريسي جي لفظ جا خالق آهن، انهن جي ويجهو ان جو مطلب ڊيموڪريٽڪ يا ريپبليڪن پارٽي جو اهو حصو هئو، جنهن تي سوشلزم جو گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه اثر هئو. فرانس ۾ انهن ڏينهن ۾ پارٽي پنهنجو پاڻ کي سوشل ڊيموڪريٽڪ چوندي هئي، ان جا نمائندا سياسي زندگي ۾ ليڊرو رولن ۽ ادب ۾ لوئي بلانڪ هئا. مطلب ته هي موجوده زماني جي جرمن سوشل ڊيموڪريسي کان گهڻو مختلف هئي.

ڪميونسٽن جي نظر سڀ ڪان وڌيڪ جرمني تي لڳل آهي، ڇو ته سڀ ڪان پهرين هن ملڪ ۾ سرمائيداراڻي انقلاب جو وقت ويجهو اچي پهتو آهي ۽ هي انقلاب لازمي طور يورپي تهذيب جي تمام گهڻي ترقي يافته حالتن ۾ هڪ اهڙي صنعتي مزدور طبقي (پرولتاري) ساڻ ٿيندو، جيڪو 17 صدي جي انگلستان ۽ 18 صدي جي فرانس جي صنعتي مزدورن جي پيٽ ۾ گهڻو اڳتي وڌي چڪو آهي. ۽ ٻيو ان ڪري به جو جرمني ۾ سرمائيداراڻو انقلاب پنهنجي فورن بعد اچڻ واري مزدور طبقي (پرولتاري) جي انقلاب جو پيش خيمو ثابت ٿيندو.

ٿورڙن لفطن ۾ هي ته ڪميونسٽ هر هنڌ موجود سماجي ۽ سياسي نظام جي خلاف هر انقلابي تحريڪ جي مدد ڪن ٿا.

انهن سڀني تحريڪن ۾ اهي ملڪيت جي سوال کي سامهون آڻين ٿا، جيڪو هر تحريڪ جو سڀ کان اهم سوال آهي، ڀلي اهو ان وقت پنهنجي واڌ ويجهه جي ڪنهن به مرحلي ۾ ڇو نه هجي.

۽ سڀ کان آخر ۾ اهو ته ڪميونسٽ هميشه سڀني ملڪن جي جمهوري پارٽين ۾ اتحاد ۽ ايڪو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

پنهنجي خيالن ۽ مقصدن کي لڪائڻ، ڪميونسٽ پنهنجي شان جي خلاف سمجهن ٿا. اهي عام طور کليو اعلان ڪن ٿا ته انهن جو اصلي مقصد ان وقت پورو ٿي سگهي ٿو، جڏهن موجوده سماجي نظام جو تختو طاقت جي زور سان اونڌو ڪري ڇڏجي. حڪمران طبقا، ڪميونسٽ انقلاب جي خوف کان ڏڪندا هجن ته ڀلي ڏڪن. مزدورن کي پنهنجي زنجيرن ڪانسواءِ وڃائڻو ئي ڇا آهي ۽ کٽڻ لاءِ سڄي دنيا پئي آهي.